

اکڙيون اوسيئڙا



اصغر سيتائي



0344 3919786

0300 3404488

اکڙيون اوسيئڙا

اصغر سيتائي

ڪتاب	:	اکڙيون اوسيئڙا
شاعر	:	اصغر سيتائي
موضوع	:	شاعري
ڇاپو	:	پهريون
ڳاڻيٽو	:	هڪ هزار
سال	:	2002ع
ڇپائيندڙ	:	سرجڻهار پبليڪيشن، شاهه آباد محلہ دادو
ڪمپوزنگ	:	مُرڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزرس دادو.
ٽيڪنڪي سهڪار	:	سنڌيڪا اڪيڊمي B-24 نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ. ڪراچي

ملهہ: 80.00 روپيہ

"Akhariyoon Oseera

By: Asghar Seetai

Published by: Sarjanhar Publication,
Shahabad Mohalla Dadu, Sindh

ارپنا

پنهنجي والد محترم،

والده محترم،

۽ پياري استاد

سائين پيرل پردیسي


جي نان،

جن منهنجي ذهني اوسر ۾

اهم ڪردار

ادا ڪيو آهي.

——اصغر سيتائي



اداري پاران

سرجڻهار پبليڪيشن جيڪا محبتي ۽ محنتي ليکڪن جي ڪاوش ۽ ڪوشش سان 1987ع ۾ وجود ۾ آئي هئي. ان پنهنجي شروعات ننڍڙن ڪتابي سلسلن جي اشاعت سان ڪئي هئي. اڳتي هلي اهو طئي ڪيو ويو ته ان پبليڪيشن طرفان ناميارن اديبن ۽ شاعرن جون معياري تخليقون جيڪي ڇپجڻ جون منتظر آهن، ڇپايون وينديون. ان فيصلي کي مد نظر رکندي مذڪوره پبليڪيشن هن کان اڳ مختلف موضوعن تي چار ڪتاب ڇپايا آهن، جيڪي نه رڳو اشاعت جي فني ۽ ٽيڪنڪي نقطئہ نظر کان بهتر ۽ ديده زيب آهن. بلڪ مواد جي خيال کان به دلچسپ ۽ معياري آهن.

هن دفعي اسان محترم "اصغر" سيتائي صاحب جيڪو سنڌ جو هڪ ناميارو ۽ ڳُڻن ڀريو شاعر آهي ۽ سندس شعري فن ۽ فڪر پڻ بهتر آهي، ان جو ڪتاب "اکڙيون اوسيئڙا" شايع ڪري اوهان سڄڻن جي هٿن تائين پهچائي نهايت مسرت محسوس ڪري رهيا آهيون.

آس آهي ته اڳين ڪتابن جيان هي ڪتاب پڻ اسانجي پڙهندڙن وٽ قبول پوندو. ۽ اهڙي ريت اسان ۽ اسانجي پڙهندڙن درميان مزيد رشتو مستحڪم ٿيندو. اسان پنهنجي پڙهندڙن جي قيمتي راين ۽ ويچارن جو دل سان اوسيئڙو ڪندا سين.

بلوچ صحبت علي

سرجڻهار پبليڪيشن،

شاهہ آباد محلو دادو سنڌ

اوسيئڙن ۽ اوڻارن جو شاعر

”مون کي سنڌ جو هر ڪو ماڻهو شاعر محسوس ٿيو“ اهي الفاظ هڪ مغربي مفڪر سياح اڄ کان اڳ ڪيترين صديون سنڌ جي سياحت دوران چيا هئا. آءُ جڏهن نوجوانن جي گهڻائي تيز تر شاعري ڪندي ڏسندو آهيان ته مون کي ان مفڪر يورپي سياح جا الفاظ سچ سمجهڻ ۾ ايندا آهن. الحمدلله اسان جي سنڌ ۾ شاعر گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندا رهن ٿا. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ٿي رهي آهي. هڪ سگهڙ جو بيت چيل آهي:

”شاعر منهنجي سنڌ جا ڳاٽو اٿڳٽيان
تني منجهه مٽيان، مهائتي آملڪ جي“

شاعري جذبن، اڌمن احساسن فڪري تقاضائن جي وسعت ۽ اُپار جي ارتقا جو نانءُ آهي جيڪا جدا جدا صنفن جي روپ ۾ رچائي وڃي ٿي.

مون جي لکيا گيت اڌمن جي آڌار تي،
پرچي ويا پاڻ ۾ سر توڙي سنگيت،
جذبن جي ٿي جيت، احساسن جي جهد سان.

سو شاعري عشق، محبت، پيار پريت، هجر فراق، وحدت وصال سان گڏ ڌرتي وطن ۽ انجي نظارن جو پرنور پرتوو آهي. اسانجو اصغر سيتائي صاحب هڪ اڀرندڙ نوجوان شاعر آهي. سندس شاعري نون نڪور احساسن، جذبن ۽ امنگن سان اُپري رهي آهي. هڪ هڪ غزل ۾ سندس اڌمن جي موزون اپٽار ڪيل آهي. هُن جو رومانوي احساس ۽ ادراڪ هر شعر مان ليا پائيندي نظر ٿو اچي. هو محبوب جي ڳالهه هيئن ڪري ٿو:

هو ائين روح ۾ رهيل آهي،
جڻ ته ڪينجهر ۾ ڪو ڪنول آهي.

هيءَ اصغر سيتائيءَ جي سهڻي تشبيهه آهي جو ته لطيف به ڪنول جي گلن جي پچار پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئنئن پچاري آهي:

هيٺ جـر مـٿي مـجـر ، ڪنڌيءَ ڪؤنر لڙن،
ورني واهــونـدن، ڪينجهر ڪٽوري ڪنـي.

ساڳي غزل ۾ ٻئي هڪ بند ۾ چئي ٿو:

هـن سـواءِ ائـين آهـي منـهـنجـو وجـود ،
جيئن پکـي کـوئـي اڏ ڪـٽـل آهــي.

محبوب سواءِ عاشق جو تڙپڻ، اڏ ڪٽل جهڙو آهي. اڏ ڪٽل پکي جي تڙپڻ جي ان کي خبر هوندي جنهن اهو مشاهدو ڪيو هوندو ۽ هوبهو منظر ڏٺو هوندو. اصغر ٿوري وقت ۾ پنهنجي شاعري جي تخيل جون منزلون طئي ڪيون آهن. اهي ڏينهن پري ناهن جو اصغر سيتائيءَ پنهنجي متعين ڪيل منزل تلاش ڪري وٺي.

هُن جي غزلن جي ٻولي با محاوره ۽ با معنيٰ آهي ان ۾ عشق ۽ محبت جو مذڪور وڻندڙ پيرائي ۾ آندل آهي. خيال جو سٽاءُ ۽ قافين رديفن جو جڙاءُ نهايت خوبصورت آهي. هُن جي غزلن ۾ ڪن بندن جو نرالو پڻ پڙهندڙن کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. هي چند بند جيڪي خيال جي ندرت ۽ نرالي فڪر جي گواهي ڏين ٿا، ملاحظ ڪيو.

دل چيـو "اصغـر" اتــي ڪـر آجـيـان،
در تــي ٿيـو آهــي وري ڪـڙڪـو پـريـن.

عشق ڪـائـيـندو وجــي اُڏوهــي جـيـان،
اوچــتــو تــا چــاڻ اي دلــبـر ڍهــون.

رات جـو هــي غـم وڌيـنـدو ٿـو وجـي،
ڏيـنـهـن جو ڏک چـڻ ڏيپيندو ٿو وجـي.

چـوطــرف هــئـا درد جـا ٿـوهر رڳـو،
آهــي جيـون جــڻ تــ صحـرا پـيـار ۾.

اصغـر جي شـاعـري عـروض ۾ پـڪـي پختي آهي. محسوس ٿـئي ٿو تہ هن نوجوان شاعر ڪنهن استاد جي رهبري ۾ رهڻ ڪان آر نہ ڪيو آهي. جڏهن بہ ڪنهن شاعر تي لکبو آهي تڏهن هن جي شاعري، شاعري جي ڪسوٽي تي پيٽي ڏسبي آهي. ان لاءِ موجوده دؤر ۾ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏنو ٿو وڃي. شاعري کي روايتي ۽ مدي خارج رنگ مان ڪڍڻ، انفراديت پيدا ڪرڻ، سماجي ڪارجن جو پورائو، مزاحمتي ضرورت پوري ڪرڻ، فڪري تخلياتي سگهہ ۽ فني خوبين کي يڪجا ڪرڻ.!!

هي سڀ شعري ادب جون تقاضائون آهن جن جو شاعرن کي ئي پورائو ڪرڻو آهي.

تو لڳي هي غزل به اصغر جو،
ڪنهن چريائيءَ ۾ ڪو چيل آهي.

سچ ته شاعر ڪڏهن ڪڏهن لاشعوريءَ ۾ الائي ڇا ڇا چئي ويهندو آهي جو ته انتهائي دردمند هوندي به ڪڏهن ڪڏهن درد جي شدت محسوس نه ڪندو آهي. جيئن جگر مراد آباديءَ هڪ بند هيئن چيو آهي:

اب تو يه بهي نهين رها احساس،
درد هوتا هے يا نهين هوتا.

عاشق کي پيار جي پيڙا دائما رهندي آهي تڏهن هُن کي درد جو احساس نه رهندو آهي. درد فرقت ۾ ماضي حال آئيندي جي اون وسري ويندي آهي. سو اصغر سيتائي پنهنجي ذات لاءِ صحرا ۾ سڪل وڻ جو اهڃاڻ هيئن ڏنو آهي:

پاسي ٿو ائين مون کي منهنجو وجود،
ڄڻ ڪو صحرا ۾ وڻ سڪل آهي.

اصغر ويچاري کي محبت جي مدهوشيءَ ۾ حالتن جي خبر ئي ڪا نه رهي ته ڪا ساڻس ايڏي وڏي بيوفائي ٿيندي. جيئن هن بند ۾ شڪايت ڪري ٿو :

هيئن ڇڏي مون کي رقيبن سان وڃي،
تون ڪندين ڪو پيار مون سوچيو نه ٿي.
پيار کي گل سمجهي مون اصغر ڪنيو،
پر هيو ڪو خار مون سوچيو نه ٿي.

اصغر سيتائي نئين ٽهيءَ جي شاعرن مان آهي سندس جذبن جو احترام ڪجي ٿو جو پاڻ ٿوري عرصي ۾ صاحب ڪتاب بڻيو آهي. هن دور ۾ شاعر شاعري جو ڪتاب ڇپائي منظر عام تي آڻي اها وڏي ڳالهه آهي. شاعري ننڍي وڏي وزن جي لکڻ سان ننڍي وڏي ڪا نه ٿيندي آهي. شاعر جو تخيل ۽ فڪري پرواز ئي شاعريءَ جي ميچتا جو سبب بڻبو آهي. شاعريءَ جي هر صنف ۾ فڪري سنڌاءَ جي سونهن ضروري آهي. پل اها صنف چند تي رچيل هجي يا عروض جي بحرن تي بيهاريل هجي. ان ۾ رَس شاعر جا جذبا پيدا ڪندا آهن، جو ته اها شاعري شاعر جي اڏمن جو آلاپ هوندي آهي. اهو رَسُ آهي جيڪو شاعريءَ ۾ موسيقي پيدا ڪري ٿو.

اصغر سيتائيءَ جي شاعري سادي سلوڻي آهي. ان ۾ ماڪيءَ مصريءَ جي ميناج جهڙو رَس آهي. هن جي غزلن ۾ حال ۽ مستقبل جي اتساهه جو رنگ چڙهيل آهي. هُو آئيندي جو سٺو شاعر ٿي اڀرندو. سندس غزلن ۾ قافيي ۽ رديف سان چڱو نباهه ٿيل آهي. سندس هن غزل جا ٻه ٽي بند پڙهو:

گهٽي بي درد آ دنيا نه دردن جي دوا چاٽي،
نه ڪنهنجو حال ٿي سمجهي، نه ڪنهن جي مدعا چاٽي،
گلن جي سونهن جي ڪهڙي خبر گلچين کي يارو،
تو هڪڙو باغبان چاٽي ۽ ٻي بادِ صبا چاٽي،
هيءَ دل آ عشق ۾ پاڳل لهذا عشق ۾ اصغر،
نه ٿي ڪا ابتدا چاٽي، نه ٿي ڪا انتها چاٽي.

هر اُهو شاعر جيڪو ڌرتيءَ ڌڪائل ناهي اهو پنهنجي پوڻءِ سان پال پلاڻڻ فرض سمجهندو آهي. اصغر به هن سنڌ ڌرتيءَ جو ڄٽيو آهي. هن به پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ ڌرتي جي ڳالهه ڪئي آهي. هيٺ ڏنل غزل ۾ مزاحمتي سوچ ۽ ديس سان محبت جو مضمون سمايل آهي.

هن روح مٿان رنج الم بند ٿيا ناهن،
هيٺن جي مقدر ۾ هي غم بند ٿيا ناهن،
تا اڄ به چمن هوشو، هتي هيمون بلاول،
هن سنڌ ۾ سورهين جا جنم بند ٿيا ناهن.
اميد ته هڪ ڏينهن هلي ماٺبو منزل کي،
اڳتي جي وڌيا پنهنجا قدم بند ٿيا ناهن.
لکبو ۽ پيو پڙهبو سدا ديس لاءِ اي اصغر،
ٿيون بند زبانون ته قلم بند ٿيا ناهن.

اصغر سيتائي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان چڱو اڀريل نظر اچي ٿو. هُن جي جذبن ۾ جاڳرتا جو رنگ پريل آهي. هن جتي دلبر جي درد فراق، هجر ۽ وصال جون وايون ورلاپيون آهن اتي مزاحمتي ۽ قومي جذبي سان پڻ سٺو شاعراڻو ناتو نڀايو آهي. اصغر جا قومي ۽ مزاحمتي چوسٽا ڪارائتا آهن جن ۾ مقصد جي ڳالهه ڳالهايل آهي. هيٺ ڏنل چوسٽي ۾ اصغر سيتائي لٽيري لاءِ چوي ٿو جو ٻين کي لٽي ٿو سو پاڻ به ڪڏهن لٽجي ويندو. ۽ اصغر جي چوسٽي کان اڳ استاد بخاري جون هي سٽون:

بعضي بندوق شڪاري جي ڇتي ٿي پلتي،
جو ڦٽي ٿو سو ڪڏهن پاڻ به ڦٽجي ٿو وڃي.

ان طرح اصغر سيتائي به چوي ٿو ته :
لٽيرو جو هر وقت آهي لٽيندو،
ڪڏهن ويندو لٽجي لٽيرو به آهي.
سدائين نه رهڻي آهي رات ڪاري،
ايندو رات ڪان پوءِ سويرو به آهي.

اصغر سيتائي ڪٿي فيلسوفيانا ڳالهه به لاشعوري يا شعوري طرح ڪري ويهي ٿو جنهن مان سندس فطري اڏا م جي سُڌ پوي ٿي.

زندگي آ موت جي ئي ابتدا،
موت آهي زندگي جي انتها،
زندگي ڪيڏي ڊگهي ئي پل هجي،
زندگي پو يي ته آهي بي بقا.

زندگي ۽ موت جو فلسفياتي تصور چؤسٽي ۾ پيش ڪري هڪ حقيقت پيش ڪئي آهي. اصغر سيتائيءَ جي چوڻ مطابق جيڪي ڏات ۽ ڏانءُ ڪي هڪ وقت سوچين ٿا اهيئي ته شاعري ڪري سگهن ٿا. اهي ئي سچا شاعر ثابت ٿين ٿا:

جتي ڏات ۽ ڏانءُ گڏجي وڃن ٿا،
اتي شعر ازخود ئي لکجي وڃن ٿا.
لکن شعر جيڪي پنهنجي قوم لاءِ ٿا،
اُهي قومي شاعر ئي بنجي وڃن ٿا.

موجوده ماحول لاءِ هو پنهنجي هڪ چؤسٽي ۾ طنز ڪري ٿو:

هي ڏينهن آ يا رات خبر ڪا نه ٿي پوي،
ڪيئن آهي ڪائنات خبر ڪا نه ٿي پوي.
ماڻهو به آهن ساڳيا مسيحا به ساڳيو،
ماحول آ واهيات خبر ڪا نه ٿي پوي.

اسان جي ديس ۾ چا چا پيو ٿو هلي، ڏينهن رات جي خبر ڪا نه ٿي پوي. هتي هر ڏينهن خوف ڪٺي اچي ٿو ۽ هر رات نوان خطرا ڪٺي اچي ٿي. اصغر سياسي جوڙ توڙ ڪي هن نفرت واري اظهار سان بيان ڪيو آهي:

ڪري اعلان اهڙو ني وري نئين سر ٻڌايو ٿن،
ڪسي هڪڙي ڪان چڱ مڙسي چڱو ڀني ڪي ٻڌايو ٿن.
سيائن جي چوڻ موجب ائين سمجهو ته اي اصغر،
گڏهه ساڳيو ئي آهي پر رڳو آٽر مٽايو ٿن.

هُن قومي ۽ مزاحمتي شاعري ڏي ڏيان ڏنو آهي ۽ ان ۾ پنهنجو پاڻ چڱو موڪيو آهي. هن چؤسٽي ۾ هُن قوم جي گهاٽي پيڙهيل گهوٽ جو ذڪر آٽي سنڌ جي هڪ مڙد مجاهد جي تاريخ ورجائي آهي:

تي ڏيڪاري ڪو بلاول سنڌ ۾،
پاڻ گهاٽي ۾ ڪو پيڙائي ڏسي.
۽ عنايت جيان ڏيئي سِرڙو سچڻ،
سنڌ سان هيئنئن پيچ ڪو پائي ڏسي.

بلاول شهيد ۽ عنايت شيهد جي تاريخ ماضي ۾ ورجائجي چڪي هئي، حال ۾ به ورجائجي رهي آهي ۽ جيستائين ديس واسين لاءِ امن ۽ آشتي جو دؤر نه ايندو، حق پلئه نه پوندا، ظلم ۽ استحصال جو خاتمو نه ايندو تيسين اها ورجائبي پئي. هن ديس جي دولهه دُلارن، اٿموڻ جوڌن جوانن هميشه خون سان تاريخ رقم ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڌرتي سان نيهن نيايو آهي.

اصغر سيتائي جي حالات تي نظر آهي هُن ڪي سياسي ۽ سماجي نقطه نظر سان جيڪي اوڻايون نظر اچن ٿيون اهي شاعري ۾ چٽيو ٿو. هن جاگيردارانه سماج ۾ جتي سنڌ جي ٻين سماجي براين ڪي شاعري ۾ آندو آهي، اتي موجوده دور جي بيهوده رسم ڪارو ڪاري جو به ذڪر ڪيو آهي. جيئن هن ٽيڙو ۾ چوي ٿو:

ڪارو ۽ ڪاري،
ڪهاڙين جو بک ٿي،
نرمل ڪا ناري.

اصغر سيتائي جي سموري شاعري ڪي پڙهندي ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو هڪ حساس طبع شاعر آهي، ٻين جي درد ڪي پنهنجو درد پائين ٿو. وٽس شاعرانه دوربين اک آهي جنهن سان هو پوري سماج جو جائزو وني ٿو. اُميد آهي ته هو شاعري جي آفاق تي اُڀري سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهندو ۽ اهو وقت پري ناهي جو هو سنڌ جي هر دل عزيز شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو.

نواز رڪٽائي
گلشن منير ڪالوني، دادو

سرهو ساڻ سخن جو

شاعري انسان جي جذبن اڌمن ۽ احساسن جو اظهار آهي. شاعري دل جي دانهن، روح جي پُڪار آهي. لفظ جيڪي دل جي چشمي مان ڪنهن صاف شفاف ڌارائن جيان ڦٽي نڪرن ٿا، انهن ۾ اندر جي اسات اجهائڻ جي شڪتي آهي. شاعر جا لفظ ڏِڍ به آهن، دلاسو به آهن. اهي اشارو به آهن ته نياپو به آهن. لفظ سفير آهن ته ضمير به آهن. لفظ انسان جي سڃاڻپ به آهن، ته مان مريادا ۽ ماڻهپ به!! شاعري انهن ئي لفظن جو مجموعو آهي، جيڪي شاعر جي سماجي شعور جي پيداوار آهن. شاعر وٽ دل جي ڪشور کان علاوه ٻي ٻاهرين دنيا به آهي، جنهن جو هو به هڪ حصو آهي. ان سبب شاعر وٽ سوچ جا ٻه پاسا آهن هڪ داخلي ٻيو خارجي.

شاعر وقت ۽ حالتن جو تجزيو ڪري ٿو. پنهنجي ارد گرد جي ماحول کي شاعراڻي انداز سان ڏسي، پرکي ۽ پرجهي ٿو ۽ پو هو وقت جو نبض شناس ٿي وڃي ٿو. ماحول ۾ رهندي هُن تي جيڪو وهي واپري ٿو انهن حالتن جو هُو اڪيلو ساکي هجي ٿو. هُن جي مشاهداتي اک ڪئميرا جو ڪم ڏئي ٿي جا آسپاس جي سمورن حالتن ۽ ڪيفيتن جون تصويرون جيئن ۽ جهڙي صورت ۾ آهن، پنهنجي اصلي رنگ ۽ روپ ۾ جهٽي ٿي. انهن حالتن پسڻ ڏسڻ کان پوءِ اندر جي آنڌ مانڌ ۽ ولوڙ مان شاعر جي شاعري سرجي ٿي، جيڪا ان جي مشاهدي مطالعي جو نچوڙ ۽ ولوڙ جو نتيجو آهي. شاعري جي وصف عام لفظن ۾ ڪرڻ ايتري سولي ناهي، جيتري سمجهي وئي آهي. شاعري زندگي جو فريم آهي جنهن ۾ زندگي جي گونا گون تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

شاعري جي ميدان ۾ اسان جو پيارو دوست "اصغر سيتائي" گذريل ٻن ڏهاڪن کان پنهنجو پاڻ موکي رهيو آهي. آئون هن جي سهڻي سيبائتي سخن کي ڳچل وقت کان ادبي ميڙاڪن ۾ ٻڌندو پڙهندو رهيو آهيان ۽ مونکي خبر آهي ته ڪيس علم عروض جي ڄاڻو استاد پيرل پرديسي جي رهنمائي نصيب ٿيل آهي. هن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي سان جيڪي پرايو آهي ان کي منظوم ڪيو آهي. داخلي ۽ خارجي اثرن هيٺ هن جي شاعري اندر جو ڀرپور اظهار آهي. هن جي شاعري جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته هو هڪ حساس دل انسان، پيار ڏيندڙ ۽ پيار وندبيندڙ ماڻهو آهي. هن جي شاعري جيڪا دک درد جي امين آهي، محبت ۽ مروت سان ڀرپور آهي ۽ انسان جي

مشترڪ درد جي علامت آهي تنهن مان پتو پوي ٿو تہ اصغر جو جيءُ ڪيترو جھريل آهي. هن ڪيتري قدر محبت ۾ دوکو کاڌو آهي. هن دلفريبن ۽ دلربائين جي حصار ۾ اچي ڪھڙي ريت وڃائي وڃائي وري پنهنجي پاڻ کي ڳوليو آهي. هو ڪھڙن چنڊ چھرن کي چاهيندي چاهيندي وکري ويو آهي. هو هڪ سونهن نگر جو مسافر آهي، عشق جي راهہ ۾ هن جا پير زخمي آهن. هن کي پيار جو گل خار جيان چڀي پيو آهي.

پيار کي گل سمجھي مون "اصغر" ڪنيو،
پر هيو ڪو خار، مون سوچيو نہ ٿي.

"اصغر". سيتائي جي شاعري کي پڙهڻ کانپوءِ لڳي ٿو تہ هو غزل جو سٺو ۽ پختو شاعر آهي جيتوڻيڪ هنجي ٻين صنفن تي شاعري بہ موجود آهي پوءِ بہ هن جي غزلن ۾ خيال جي بندش ۽ رومانيت ڏسي ڪيس غزل جو ئي شاعر چوڻ ۾ هٻڪ نہ ٿي رهي. سندس غزلن ۾ محبت، هجر فراق، درد والم جي واردات موجود آهي ۽ هن جي روح جو سمورو ڪرب سمايل آهي. هن پنهنجي غزلن ۾ جيڪي دردن، پيڙائن جون ڳالهيون ۽ هجر جون حڪايتون ڪيون آهن، انهن جي پس منظر ۾ اسان جي سماج جي سيڻ اپ جو چٽو پٽو عڪس نظر اچي ٿو. محبت ڇا آهي، ڇو ٿي ٿئي، محبت ڇو ٿي رسوا ٿئي، محبت ڪنڌ دليون ڇو تنها ۽ اداس رهجي وڃن ٿيون، محبت تي ڇو پهرا بيهاريا وڃن ٿا. اهو سڀ هو شاعر جي حيثيت ۾ پلي پت سوچي سمجھي ٿو. ان کي هن طبقاتي سماج ۾ محبت بہ سماجي ممسئلو نظر اچي ٿي:

عشق کي ڪيئن سمجھين ٿو اصغر،
پير چڻ باهہ تي رکيل آهي.

جنهن سماج ۾ انسان کي روبوٽ سمجھي انجي رضا رغبت خلاف ڪم ورتو وڃي، هن جي ذهن ۽ ضمير جي آزادي، فڪر جي آزادي ۽ زنده رهڻ جو حق سلب ڪيو وڃي تہ اتي هڪ فرد جو ٻئي سان پيار بہ مسئلو ٿيو وڃي. ائين هر پيار دنيا جي گندين رسمن ريتن جي پينٽ چڙهيو وڃي. هتي چاهتون چڪيا تي چاڙهيون وڃن ٿيون. محبتون نيلام ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن دل جي دنيا لٽجي ٿي اتان اڪيلائين ۽ اداسين جو سفر شروع ٿئي ٿو ۽ من جو موسمون بدلجي وڃن ٿيون.

تون ڇڏين ٿو تہ تو لڳان پن ڇڻ،
تون ملين ٿو تہ هان بهارن جان.

همڙي موسم ۾ هن جي هجر جو غم،
هاڻ ۾ چڻ ڪنڊو لڳل آهي.

روئي هر شخص کي پنهنجو ٻڌايم حالِ دل ليڪن،
اٿم افسوس جو دل جي نه ٿو ڪوئي صدا چاٿي.

اصغر سيتائي ان اڪيلائين ۽ اداسين جي سفر ۾ پنهنجي درد کي لفظن جو روپ ڏنو آهي. هو پنهنجي درد جي لذت ماڻي ٿو. سندس چوائي:

دل جي عيوض درد تون ڏيندو رهئين،
تہ بہ ڪَسو سمجهو مون هي سودو نہ هو.

جتي هيترن رشتن هوندي ماڻهو کي ورهہ ۽ ويراڳ سان نياڻٺو پئجي وڃي، ڪنهن جي قربت ۽ محبت لاءِ ڪيس سماج جو هر سور سهڻو پئجي وڃي، اتي پنهنجي خواهشن جو پاڻ گلو گهٽڻو پوي ٿو، پنهنجون رضائون ۽ رغبتون ختم ڪرڻيون پون ٿيون.

جنهن ڳالهہ ۾ تون راضي، تنهن ڳالهہ ۾ مان راضي،
راضي رکڻ لاءِ تنهنجو مڃڻيون پيون رضائون.

"اصغر" سيتائي جي غزلن ۾ جتي محبتن جا مذڪور آهن اتي زماني جي گلا شڪوه، دنيا جي بي وفائي ۽ بي التفاتي بہ جهلڪي ٿي. هُن جي غزلن جا هيٺ ڏنل بند ان خيال جي عڪاسي ڪن ٿا:

بي رحم چوان، بي درد چوان، مان چوان بہ ڇا هن دنيا کي،
ٿو تن تڙپي، ٿو من تڙپي، هِن تن من جو درمان نہ ٿيو.

ارمان اهو ئي آ اصغر هن ڏاڍ ۽ جَبر جي عالم ۾،
جي ٿيو آهي، تہ بہ ڏاڍن جو، ڪو هيڻن جو درمان نہ ٿيو.

هن هڪ حساس ۽ نرم دل رکندڙ شاعر جي حيثيت ۾ جيڪي بہ سماجي اوڻائيون ڏٺيون آهن، پنهنجي شاعرانہ انداز ۽ اسلوب سان قلمبند ڪيون آهن ۽ پاڻ کي سماج ڏانهن بہ زمينوار فرد طور متعارف ڪرايو آهي. جنهن مان هنجي شاعري جي

اصلي ڪارج سان وابستگي جو ڏس پتو ملي ٿو.

هن شاعر کي خبر آهي تہ هي دنيا دلوارن لاءِ ڪا عيد ناهي. ڪنهن دوشيزه جي ديد ناهي. ڪا نينهن ڀري نمار ناهي، ڪا بسنتي قمار ناهي. سُک جي سيج ناهي، ڪنهن هولي جي هيج ناهي، پر هي دنيا دلوارن لاءِ عذاب آهي، اڻ کٽ اضطراب. هي دنيا صليب بہ آهي، دار بہ آهي، راه خاردار بہ آهي. هتي مقتل ۽ گهاٽا بہ آهن. سچ کي چوواٽن تي سنگسار ڪيو ويندو آهي ۽ صداقتن جا سينا ڇلني ڪيا ويندا آهن. محبتن کي مسمار ڪيو ويندو آهي. انسانيت کي چونڪ چونڪ تي آٽي ذليل ۽ خوار ڪيو ويندو آهي. هتي زبانون وڍيون ونديون آهن ۽ اکين ۾ انبور وڌا ويندا آهن. عزتون ۽ عصمتون سرعام نيلام ڪيون ونديون آهن ۽ ڪيئي لويون ۽ لجون ڇيماڙيون ٿينديون آهن. ان ئي پس منظر ۾ هو چئي ٿو ڏئي:

مجرم بہ اهي ساڳيا، منصف بہ اهي ساڳيا،
سانگين تي انهن جا هي ستم بند ٿيا ناهن.

هن دنيا ۾ حق جو هوڪو ڏيڻ، اجتماعي ڏک درد جي ڳالهہ ڪرڻ، وفا جو وکر وهائڻ، اُپن ڪاون تي سفر ڪرڻ جي مترادف آهي. جتي پير تہ رتو رت ٿين، پر انسان جا جذبا ۽ احساس زخمي ٿيو پون. اصغر بہ آخر تہ هڪ انسان آهي. انسان جي ناتي هو پنهنجي پرائي گهاوَ تي رڙ ڪري اٿيو آهي. دل مان دردناڪ دانهن ۽ ڪربناڪ ڪوڪ ڪڍي آهي. پوءِ اُها غزل جي روپ ۾ هجي، وائي جي روپ هجي يا گيت جي!!

آخر ۾ اهو عرض ڪندس تہ "اصغر" سيتائي جو هن ڏات جي ڏيهہ ۾ وارد ٿيڻ هڪ نيڪ فال آهي. ڏات جو ڏيهہ نهايت وسيع آهي، شاعري هڪ بحر بيڪران آهي جنهن ۾ ڪيئي غواص غوطا هڻي، املهہ هيرن ميڙڻ ۾ مشغول آهن ۽ اصغر کي پنهنجي ڏات ۽ سماج ڏانهن هڪ زمينوار فرد جي حيثيت ۾ اڃا گهڻو اڳتي وڌڻو آهي. پنهنجي ڏات کي نوان رنگ ۽ نوان انگ بخشڻا آهن. سندس هي پهريون ڪتاب هن جي دل جي صدائن کي نمايان ۽ نروار ڪرڻ جي پهرين ڪوشش آهي. اُميد تہ آئنده ان کان بہ وڌيڪ اثرائتي نموني سان سماجي ۽ انساني مسئلن کي ڪٿي اسان اڳيان پاڻ ملهائيندو رهندو. آئون اُميد ٿو ڪيان تہ اصغر سيتائي جو هي شعري مجموعو "اڪرڙون او سيڙا" پڙهندڙن وٽ پنهنجو ڀرپور داد حاصل ڪندو ۽ شعري ادب ۾ هڪ ڪارائتو اضافو ليکيو ويندو.

بشير سيتائي
شاهہ آباد محلو دادو سنڌ

اڪر ٻہ اڪر

اصغر سيتائي سان دعا سلام، "سيتا" جي ادبي ماحول ۾ ٿي. تقريباً 1980ع جو زمانو هو، نئين ٺهي ادبي سنگت سيتاروڊ ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سيتاروڊ کي الهڙ جواني تائين رسائڻ ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ جُنون جي حد تائين پورهيو ڪيم. دوست مليا، دوستن ادبي سفر ڪيا، ناليوارن شاعرن ۾ انهن جو شمار ٿيو. انهن مان ڪن ادبي پليٽ فارم تي گند ڪيو، ادب تي پنهنجون پنهنجون نظرياتي مهرون هڻيون، دوڪانداري چمڪائي ۽ رات پيٽ ۾ ادبي افلاطون بڻجي ويا. اُهي ڏينهن، هي ڏينهن ڪنهن لڙي ٻہ نہ پڇيو تہ فياض! ڪهڙو حال اٿئي! ويهن سالن ڪان ٻہ وڌيڪ وڇوڙيءَ ڪان پوءِ خيرپور ناٿن شاهہ ۾، اصغر سيتائي مليو. ڇپائين ڪتاب تيار آهي مهاڳ بشير سيتائي لکيو آهي تون ڏس، ڏنم، ڇپائين ڪجهہ منهنجي شاعري تي لکي ڏي. مون وراڻيو يار! مان ادبي لڏي جو تڙيل ماڻهو، جنهن ماضي ۾ لڳاتار چار / پنج سال ادبي دنيا ۾ جنوني سفر ڪيو ۽ لکيو، انهيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي. جيڪڏهن سچ لکبو تہ گهڻن يارن جا نڪ پڄي پوندا ۽ هنيانءَ لهي ويندا.

مٿين ڳالهہ جي قطع نظر هن دوست جي مواد کي پڙهيم، رومانٽڪ شاعري پنهنجي عروج تي لڳي. ۽ شاعر جيان جوان !!.

نيڻ روشن سدا چراغن جان،
تو سوا زندگي عذابن جان.
ائين لڳي ٿو تہ زندگي تون آن،
جڻ تہ سيني ۾ آهين ساهن جان.
مان اچان ٿو ملڻ ڏسڻ خاطر،
تون سراپا رڳو نقابن جان.

اصغر سيتائي جي شاعري فني پختگين سان گڏ ٻين ادبي گهرجن جو پڻ پورائو ڪري ٿي. شاعر جتي دک ۽ درد جو اظهار ڪيو آهي اُتي هن ڌرتي تي موجوده وايو منڊل کي ڀرپور انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

هن روح مٿان رنج الم بند ٿيا ناهن.
هيڻن جي مقدر ۾ هئي غم بند ٿيا ناهن.
جرڪا ۽ هتي واڳون سرعام گهمن ٿا پيا،
هي وات وڏا تن جا ڏنم بند ٿيا ناهن.

لکبو ۽ پـيـو پڙهبو سدا ديـس لئہ اي اصغـر،
ٿيـون بنـد زبانـون تـہ قلم بند ٿيـا نـاهـن.

هي اسانجي شاعرن جي خوبي آهي يا خامي !! (جيڪا سمجهو) تہ هو عملي زندگي ۾ ڪيترا بہ غير ذميوار يا سماجي براين جو حصو ڇو نہ هجن، پر ان سماجي براين تي شاعري ۾ احتجاج ضرور ڪندا ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف فرض بہ لهي ويندو ۽ ڌرتيءَ جو قرض بہ!! باعث شهرت بہ بنجي ويندا تہ تاريخ جو حصو بہ!!. ائين واڪاڻجي ويندا تہ اسان جا اهي شاعر ڏاڍا باشعور آهن پر اصغر سيتائي اهڙي ٺلهي شهرت ۽ نالي جي ڇاپ ڪان پاڻ کي بچائي رکيو آهي. مون کي ذاتي طور تي خبر آهي تہ اصغر هڪ پرخلوص ۽ سچو انسان آهي. ان ڪري هن جي هيٺين شعرن ۾ لفاظي نہ مگر سچائي آهي:

سر ترڪيءَ تي جو رکي ديس جا دودا نڪتا،
جُوءِ لئہ جان ڏيڻ، جُوءِ جا جوڌا نڪتا.
سنڌ ڌرتي تہ امڙ آهي، امڙ جي سڏ تي،
جي ۾ سڀ جيءَ ڇڏي جيءَ جيالا نڪتا.
هام ۾ هيمو جيان، هوش ۾ هوشوءَ وانگر،
دل ۾ دودي جا رکي حرف حوالا نڪتا.

اصغر سيتائي، ٻولي جي اصطلاحن، لفظن ۽ محاورن جو نهايت گهڻو تقدس رکيو آهي. بقول سندس تہ هن پنهنجي عشق کي شاعري ۾ اوتيو آهي يا ائين چئجي تہ هن اندر جي احساس ۽ اضطراب کي لفظن جو روپ ڏنو آهي. هي سنڌي ٻولي ۾ هڪ اهڙي ڪتاب جو اضافو آهي، جنهن ۾ فني ۽ فڪري خوبيون هڪ جاءِ تي موجود آهن. سماجي ناانصافين تي ڏڌي، مِني ۽ ڪُٽي انداز ۾ قلم کنيو ويو آهي.

اصغر سيتائي، ادبي دنيا ۾ پنهنجا قدم ضرور ڄمائيندو ۽ پنهنجي جاءِ ضرور پيدا ڪندو. خدا ڪيس ادبي آڙيڪاپڻ جي ڇنبي کان بچائي جيڪي سيئي تمغا پنهنجي سيني تي سجايو وينا آهن.

جـاتي بہ تون هُجين پـر آبـاد شل هجين تون،
ڪوسيون لڳن نہ توکي، سهڻا سڄڻ هوائون.

فياض بلوچ
خيرپور ناٿن شاهہ، ضلعو دادو

پيارو ماڻهو، پيارو شاعر

هن کان ويهارو سال کن اڳ مون وٽ هڪ نوجوان آيو هيو، هنجي هٿ ۾ ڪجهه ڪاغذ هئا. ٿوري دير کان پوءِ هٻڪندي چيائين سائين! مون ڪجهه ڪچي ڦڪي شاعري ڪئي آهي. اوهان کي ڏيکارڻ لاءِ آندي اٿم. جيڪڏهن اوهان مهرباني ڪري مون لاءِ وقت ڪڍيو ته مان اوهان کي ڏيکاريان. مون هنجي هٿ مان ڪاغذ ورتا ۽ هڪ هڪ ڪري نظر مان ڪڍيا ۽ پوءِ پڇيم ڪڏهن کان شاعري ڪندو آهين. ورائيائين بس سال کن ٿيو آهي. ٿوري دير ترسي هو چوڻ لڳو ته سائين! اگر ناراض نه ٿيو ته هڪ ڳالهه چوان. مون ڪنڌ ڌوڻيندي "ها" ڪئي ته چوڻ لڳو "شاعري اوهان وٽان سکڻ آيو آهيان، مهرباني ڪري مون کي ڪجهه سيکاريو". مون ان وقت کيس تاريندي چيو "رياض بلاغت" ڪتاب هٿ ڪر ۽ اهو وڃي پڙهه".

وري ڇهن ڏينهن کان پوءِ مون وٽ آيو چيائين "اوهانجو ٻڌايل ڪتاب ڪٿان به هٿ نه ٿو اچي. بس ڀلائي ڪري اوهان ڪجهه سيکاريو. مون کي وزن بحر جي ڄاڻ صفا ڪانهي" ۽ پوءِ هو "مهڙدو" ٿي، لڳاتار اچڻ لڳو. مون هن کي لفظن جي تقطيع، ساڪن ۽ متحرڪ جي ڄاڻ ڏني. هڪ وزن نموني طور به سمجهايو. هنجي ذهانت کي پرکڻ لاءِ ان ئي وزن تي هڪ غزل تيار ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ آهسته آهسته کيس وزنن کي سمجهڻ ۽ لفظن جي حرڪات سڪنات سمجهه ۾ اچڻ لڳي هئي.

هي اهوئي نوجوان "اصغر سيتائي" آهي جو اڄ "اڪڙيون اوسيئڙا" ڪٺي حاضر ٿيو آهي. ويهارو سالن جي عرصي ۾ هن جي شاعري ۾ وزن بحر توڙي خيال ۽ فڪر جي حوالي سان ڪافي پختگي آئي آهي. مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته ايتري فراست ٿورن نوجوانن ۾ آهي جيڪي شاعري جي فن ۾ ايترو ڳوڙهو وڃي انجي لوازمن کي پوري ريت سمجهي سگهن، جيترو عرصو "اصغر سيتائي" هڪ پختي شاعر ٿيڻ ۾ صرف ڪيو آهي، اهو ڪيترن شاعرن لاءِ قليل کان قليل عرصو چئي سگهجي ٿو.

مون کي پوريءَ ريت خبر آهي ته ڪيترن شاعرن کي مٿا ڪُٽ ڪندي به شاعري جو صحيح پيچرو هٿ نه ٿو اچي. مون شعر و ادب جي دنيا ۾ اهڙا شاعر ڏٺا آهن جن جا مٿا اڇا ٿي ويا آهن. مگر وزن بحر اڄ تائين کين سمجهه ۾ ڪونهي آيو ۽ پنهنجي شاعري ۾ لفظن کي ساڪن متحرڪ واري صورت ۾ درست استعمال ڪرڻ ئي نه ٿو اچي. پوءِ جلدي ۾ چيو ڏين ته بس فڪر ۽ خيال ئي سڀ ڪجهه آهي، وزن بحر کي

اچ ڪير ٿو پڇي. جڏهن ڪنهن به شيءِ جو بنياد نه هجي ته ڇا اها ائين هوا ۾ بيهي سگهندي؟ وزن بحر ۽ ڇند شاعري جو بنياد آهي. خيال ۽ فڪر به تڏهن ئي ٺيڪ لڳي ٿو جڏهن اهو شعر جي بنيادي ضرورت پوري ڪري ٿو ۽ وزن بحر جي قالب ۾ سمايل آهي. مان قطعي طور اهڙي شاعري جو قائل ناهيان جيڪي وزن بحر کان ٻاهر آهي. مون کي اصغر سيتائي ۾ ڪافي اُميدون آهن. هي مون لاءِ انتهائي خوشيءَ جو مقام آهي جو هو هڪ سٺي شاعر جي حيثيت سان ادبي حلقن ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائي چُڪو آهي.

اڄ جڏهن سهل پسنديءَ جو دور آهي. ڪيترا دوست شاعري جي بنيادي ڄاڻ ۽ فني قاعدن سکڻ کان بغير ئي شاعر بڻيا ٿا وتن ۽ هوائي ڦوڪڻي جيان سندن دماغ ۾ پاڻ کي ئي "وڏو شاعر" سمجهڻ جي هوا ڀريل آهي، اتي اصغر سيتائي جهڙن شاعرن کي جس هجي ڇو ته اهڙن شاعرن کي اڄ شعري ڄاڻ هوندي به اڃان گهڻو ڪجهه سکڻ جي پياس موجود آهي ۽ اهائي پياس کين پنهنجي منزل تلاش ڪرڻ لاءِ اُياريندي رهي ٿي. بس اهائي هڪ ڳالهه ماڻهو جي عظمت جو اهڃاڻ آهي ته هو زندگي جي هر موڙ ۽ منزل تي پاڻ کي اڌورو سمجهي اڳتي تاڻيندو رهي ۽ خوب کان خوبتر جي تلاش ۾ هجي.

اُميد ته هڪ ڏينهن هلي ماڻبو منزل کي،
اڳتي جي وڌيا پنهنجا قدم، بند ٿيا ناهن.

اصغر سيتائي جي شاعري تي سنڌ جي سينئر شاعرن محترم نواز رڪنائي ۽ محترم بشير سيتائي، فني ۽ ادبي نقطہ نظر کان ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي ۽ سچ پڇو ته مون لاءِ ڪي الفاظ نه بچايا اٿن. مان پنهنجي هن پياري شاگرد تي فقط ناز ئي ڪري سگهان ٿو ۽ ان چونڊ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهان ٿو ته مون جيڪو ٻوٽو لڳايو هو سو وڌي وڻ ٿيو آهي: منهنجو دعائون هر وقت هن سان شامل حال آهن. شل هو خوش هجي ۽ هن جو ادبي سفر روان دوان رهي.

پيرل پرديسي
سيتارو، ضلعو دادو سنڌ.

پنهنجي طرفان

هر شاعر طرفان پنهنجي ڪتاب لاءِ ”پنهنجي طرفان“ لکڻ هڪ روايت بڻجي ويو آهي. نه ته پنهنجي طرفان لکڻ ايترو ضروري ڪونهي. جڏهن شاعر پنهنجي شاعري ڪندي سڀ اندر جو سور ۽ پُور پنن تي ئي اُتاري ٿو ڇڏي ته پوءِ باقي لکڻ لاءِ ڇا ٿو بچي جو لکيو وڃي.

ذري گهٽ 1978ع جو زمانو هو جو مونکي شاعري جو چسڪو لڳو. شاعريءَ سان آشنائي منهنجي ذاتي ڏکن ۽ جواني جي روڳ سبب ٿي هئي. شروعات ڪافين سان ڪيم. تر جي ڳائڻن ڪجهه ڳايون به ۽ ائين ئي منهنجو نالو ڪچهرين ۾ ڪڇڻ لڳو. مان شاعر ٿي ڇُڪو هيس ماڻهن جي نظر ۾. پر دل ۾ هڪ کٽڪو هيو ته مان شاعر ناهيان. اصل ۾ غير معياري ڪافي ڪلامن جو شاعر بڻجڻ منهنجي منزل نه هئي. مون کي هڪ عروضي شاعر ٿيڻو هيو. ڪتابن جي دنيا ۾ اڃا هو. ڪتابن ۾ ٻين شاعرن جي شاعري پڙهي رشڪ ٿيندو هو ته ڪاش! مان اهڙو ئي شاعر هجان، هي ڪيترا خوش نصيب آهن جن جا نالا ڪتابن ۽ رسالن ۾ ٿا اچن. ظاهر آهي ته ان ڳالهه پويان دل ۾ شهرت جي ئي خواهش لڪل هئي، جيڪا هر نئين شاعر جي دل ۾ موجود هوندي آهي.

ان وقت سنڌي ادبي سنگت سيتاروڊ ۾ هفتيوار گڏجاڻيون ٿينديون هيون. مون اتي وڃڻ جي جرئت ڪئي، پاڻ کي پهرين ته شاعر به ظاهر نه ڪيو هيم، پر ڏٺم ته اتي دوست ڪچيون ڦڪيون لکتيون پڙهي ادبي چند ڇاڻ گهٽ، جهيڙو ۽ چندا پٽ گهٽي ڪندا هئا. پنهنجي پر ۾ پاڻ کي اهڙن شاعرن کان پوءِ به مٿاهون سمجهندو هيس. سنڌي ادبي سنگت منهنجي اکين تي پر سنگت جي گڏجاڻين ۾ مزو نه آيو. ان وقت منهنجي تر ۽ شهر جا به سٺا شاعر جن جي ادبي عظمت مڃڻي کان مٿاهين هئي اُهي هئا محترم بشير سيتائي ۽ محترم پيرل پرديسي. بشير صاحب ته روزگار سبب شهر کان ٻاهر گذاريندو هو پر پرديسي صاحب پرديسي تخلص هوندي به پنهنجي شهر ۾ ئي موجود هوندو هو.

سوچيم جڏهن شاعر ٿيڻو ئي آهي ته ڇو نه پرديسي سان وڃي دل جو سور سليان. پرديسي علم عروض جو ماهر شاعر آهي، هن جي حيثيت عروض جي حوالي سان مجيل آهي. مون هن وٽان هر اها شي سکڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا شاعري ۽ شعري صنفن سان لاڳاپيل هئي. هو نهايت مهربان، سادڙو ۽ ڪليل طبيعت جو ماڻهو آهي. هن وٽ روزانه اچ وڃ ٿيندي هئي ۽ مون کي جنون به هو ته مان هن وٽان سڀ ڪجهه

سڪي وٺان ۽ اهڙي ريت منهنجي سکڻ جو عمل وڻائنس اڄ به جاري ساري آهي . هي شاعري وڏو بحر آهي جيڪي دوست ان راءِ جا آهن ته شاعري رڳي قافيه ۽ رديف جي راند آهي ته اُهي غلط آهن ۽ احمقن جي جنت ۾ ٿا رهن. شاعري جو فن هڪ سمنڊ آهي. شاعري اندر جي دانهن سان گڏ هڪ فن آهي، جو ماڻهو سڄي ڄمار سکندو رهي ته به پاڻ کي ڪامل چوائي نٿو سگهي.

خير! هي منهنجو جنون آهي، چريائي آهي، شوق ۽ ذوق آهي جنهن مون کي ٿوري عرصي ۾ انهن شاعرن جي صف ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪي عروض کي اساسي شي سمجهي شاعري ڪندا آهن ۽ وزن بحر جي قالبن ۾ پنهنجي اندر جي دانهن پلٽائيندا آهن. منهنجو ڪلام 1980ع کان ئي سنڌ جي اخبارن، رسالن ۽ منگزينن ۾ ڇپجي رهيو آهي ۽ منهنجي پراڻي خواهش ته مان هڪ عروضي شاعر هجان 1980ع کان ئي پوري ٿي آهي. هن وقت تائين ڍڪپل ڪلام رسالن ۾ اچي چُڪو آهي ۽ پنهنجي ڪلام تي ادبي محفلن ۾ ملندڙ داد پڻ منهنجو حوصلو وڌائيندو رهندو آهي.

مان اڄ جو به ڪجهه آهيان پنهنجي اُستاد محترم پيرل پرديسي جي شفقتن ۽ مهربانين جي ڪري آهيان. رڳو مان نه پر پرديسي صاحب جا ڪوڙ سارا شاعر پيدا ڪيل آهن، هن وٽان ڪيترن ئي شاعرن سکيو ۽ پرايو آهي جهڙوڪ منصور سيتائي، مجبور سيتائي، سليم سيتائي، راجا وزير علي سيتائي، سڄڻ سيتائي، سُقراط سيتائي ۽ سهٽل سيتائي وغيره وغيره ۽ اهڙي طرح پيرل پرديسي صاحب به "ناتن شاهي" شاعرن وانگر "سيتائي" شاعرن جي لانڍ لڳائي ڇڏي آهي. هي ان جو ئي قافلو آهي جنهن جو سرواڻ هو پاڻ آهي. ائين به ناهي ته هن رڳو شاعرن جو ٽلهو انگ وڌايو آهي پر هڙني شاعر صحيح دڳ ۽ رستي سان آهن، ناليوارا آهن ۽ پنهنجو پاڻ مڃائي چُڪا آهن.

پنهنجي شاعري لاءِ ڪجهه نه چوندس، اُها جا به آهي اوهانجي نذرانو آهي. پڙهندڙ ئي بهترين پارکو آهن، مون اڄ به پاڻ کي ڪا "وڏي وٿ" نه سمجهيو آهي. وڏي وٿ منهنجا ديس واسي هي سنڌي سپاجهڙا آهن، سنڌ آهي ۽ سنڌ جي سونهن آهي. شل هن ڌرتي تي سڪيا ڏينهن ۽ حقيقي عيدون اچن، پيار کي پوڄڻ وارا ۽ پيار ڪرڻ وارا زنده رهن.

آخر ۾ مان پنهنجي محسن دوستن ڊاڪٽر اعظم چانڊيو، گلزار، دليپ ڪمار اوڏ، اڪبر جانوري ۽ قمر پيان جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي هن ڪم ۾ دلي مدد ڪئي ۽ خوب همٿايو.


اصغر سيتائي


سيتاروڊ، ضلعو دادو سنڌ

غـــزل

پيار کي گل سمجهي مون ”اصغر“ کنيو،
پر هيو کو خار، مون سوچيو نہ تي.

— اصغر سيتائي





مونکي دل جي مکان ۾ رکجان.
جاني! پنھنجي ڌيان ۾ رکجان.

آزمائڻ ايڏو مناسب ناھ،
کين تون امتحان ۾ رکجان.


دل نٿي ھن جھان سان لڳي،
مونکي پنھنجي جھان ۾ رکجان.

پيار کي رسوا کر نہ دنيا ۾،
عشق کي شان مان ۾ رکجان.

بيوفائي نہ تي، نہ تيندي مونکان،
ھي نہ ھرگز گمان ۾ رکجان.

جي تو مارين، تہ ماري مونکي پرين،
پنھنجي ئي آستان ۾ رکجان.

پنھنجي "اصغر" جي ياد کي دلبر،
جي رکين، پنھنجي جان ۾ رکجان.



هوا ايئن روح ۾ رهيل آهي.
چڻ ته ڪينجهر ۾ ڪو ڪنول آهي.

ان جو چهرو نقاب ڪاري ۾،
چنڊ ڪڪرن ۾ اڌ لڪل آهي.


ري سينگار سينڌ سرمي جي،
پو به ڪيڏو سڄڻ سجيل آهي.


واسُ جنهن جاءِ تي آ هُن گل جو،
ميڙ پوپٽن جو ات متل آهي.

هن سوا ايئن آهي منهنجو وجود،
چڻ پکي ڪوئي اڌ ڪُٽل آهي.

هڙي موسم ۾ هُن جي هجر جو غم
هاڻ ۾ چڻ ڪندو لڳل آهي.

عشق کي ڪيئن سمجهين تو "اصغر"،
پير چڻ باهه تي رکيل آهي.





ڏي نظر جو شراب او جاني!
ڪر شتاب، او شتاب، او جاني!

جام تي جام ڏي پري مونکي،
ڪر نه مون سان حساب، او جاني!

تو پڏڻ ڪين چاهيان مان نهڪر،
ها ۾ گهرجي جواب، او جاني!


جنهنجي هيڪار هانءَ ۾ هر دم،
آهين اهڙو گلاب، او جاني!

چاهتن ۾ ڪڏهن نٿو سونهين،
هيئن ڪرڻ ڪو حجاب، اوجاني!

جنهن ڪيو جڳ ۾ عشق کان انڪار،
ان جو خانو خراب، او جاني!

تنهنجو درشن عبادت آ منهنجي،
ڏي ڪٿڻ هي ثواب، او جاني!

آهي "اصغر" هي تنهنجو "سيتائي"،
آءُ تون بي نقاب، اوجاني!




وساري تون متا شايد، يڪو ويٺين.
ڀڪي ڏاڍي ڪري دل، ٿي پڪو ويٺين.

اگر اڄجي تہ پو رهجي گهڙي پل، پَرَ،
پرين آئين گهڙي پل پر نہ ڪو ويٺين

چيم، جيئن ٿي، تہ ايندو ڪر هتي هر هر،
اچڻ پنهنجو ڪري، تيئن ئي جهڪو ويٺين!

تقدس ڪو نہ رکيو ان جو تو ڪوئي،
اجاڙي منهنجي دل جو تون مڪو ويٺين.

ڏنم دل بي بها توکي مگر "اصغر"!
ڪري دل بي بها جو مُلهہ تکو ويٺين.



تو اهو سمجهو نہ هو، سوچيو نہ هو،
مون کيو توساڻ کو ليکو نہ هو.

دل جي عيوض درد تون ڏيندو رهئين
تہ بہ ڪسو سمجهو مون هي سودو نہ هو


تو غلط سمجهو هو منهنجي پيار کي،
پيار منهنجو هو صحيح، دوکو نہ هو.

تو کيو جاتي اڇڻ جو واعدو،
تون تہ ڇا، پر تنهنجو اُت پاڇو نہ هو.

شهر هيڏو، محفلون ميڙا متل،
روح پر منهنجو کٿي ريڏو نہ هو.

دوستن دلجاءِ تي ڏک ۾ ڏني،
هاڻ منهنجو پوءِ ٻي هلکو نہ هو.

عشق تنهنجي ۾ ٿيو اڄ کيترو،
ورنہ "اصغر" ايترو اوڳو نہ هو.



هـن روح مـتـان رنج الـم ، بند ٿـيـا نا هـن ،
هيٺن جي مقدر ۾ هي غم ، بند ٿـيـا نا هـن.

ڇرڪا ۽ هتي واڳون سرعام گهمن ٿا پيا ،
هـي وات وڏا تـن جـا ڏنم ، بند ٿـيـا ناهن.


ٿـا اڄ بہ چـمن هوشـو ، هتي هيـمـون بلاول ،
هن سنڌ ۾ سُورهين جـا جنم ، بند ٿـيـا ناهن.

اُمـيـد تہ هڪ ڏينهن هلي مـاٺـبـو منزل کي ،
اڳـتي جي وڌيا پنهنجا قـدم ، بند ٿـيـا ناهن.

مجرم بہ اُهي ڀاڳيا ، منصف بہ اهي ساڳيا ،
سانگين تي انهن جا هي ستم ، بند ٿيا ناهن.

کـوهن جـا ڏنم وات ويا بند ٿي هتِ ليـکن ،
مـاڻهن جـا اجـان وات صنم ! بند ٿـيـا نا هن.

لکبو ۽ پيو پڙهبو سدا ديـس لئہ اي "اصغر" !
ٿـيـون بند زبانون ، تہ قلم ، بند ٿـيـا نـا هـن.



منهنجو منڙو ته ايئن منجهيل آهي.
ٻار ننڍڙو ڪو جيئن ڏنل آهي.

تو جڏهن کان رهڻ ڇڏيو آهي،
منهنجي دل جو هي گهر ڦٽل آهي.


ڪنهنجي هٿ تان لڪير قسمت جي،
ڪا ازل کان ئي چڻ ڏنل آهي.

ڀاسي تو ائين مون کي منهنجو وجود،
چڻ ڪو صحرا ۾ وڻ سڪل آهي.

منهن ڍڪيو آهي ڪنهن وري اهڙو،
سج مغرب ۾ اڌ لٿل آهي.

بندگي جنهن نه عشق کي سمجهيو،
گندگيءَ ۾ اهو گتل آهي.

تو لڳي هي غزل به "اصغر" جو،
ڪنهن چريائي ۾ ڪو چيل آهي.



تون کندي ڇا ڏار، مون سوچيو نٿي.
۽ نہ ٿيندين يار، مون سوچيو نٿي.


هيئن ڇڏي مونکي رقيبن سان وڃي،
تون کندين کو پيار، مون سوچيو نٿي.

توکي غيرن سان ڏسي ويندس جلي
ٿيندو ايئن ويچار، مون سوچيو نٿي

درد ڏاڍا تون ڏئي بيدرد ٿي،
۽کندين آزار، مون سوچيو نٿي.

ٿيندو بي رونق وري دل جو محل،
پوندا ان ۾ ڏار، مون سوچيو نہ ٿي.

پيار کي گُل سمجهي مون "اصغر" کنيو،
پر هيو کو خار، مون سوچيو نہ ٿي.



نيڻ روشن سدا چراغن جيان،
تو سِوا زندگي عذابن جيان.

ايئن لڳي ٿو تہ زندگي تون آن،
چڻ تہ سيني ۾ آهين ساهن جيان.


تون چڇين ٿو تہ ٿو لڳان پن چڻ،
تون ملين ٿو تہ هان بهارن جيان.

مان اچان ٿو ملڻ، ڏسڻ خاطر،
تون سراپا رڳو نقابن جيان.

تون سمورو سياڳ ٿو ڀاسين،
مان نسوروئي بس نياڳن جيان.

توکي سمجهان ٿو مان سڄڻ پنهنجو،
تون ٿو سمجهين مون کي پروان جيان.

تنهنجي درشن جو دم بہ اي دلبر،
سمجهو "اصغر" آ بس ثوابن جيان.



رو نہ دل، رو نہ روئي راڄ رئاري نہ وڃين.
يا لڇي تڙپي ائين پاڻ کي ماري نہ وڃين.


ڪنهن ڏنو آهي نہ آٿت، نہ وري ڪو ڏيندو،
خواہ مخواہ ڪنهن لئہ حياتي متان ڪاري نہ وڃين.

پيو ستو لوڪ سڄو ننڊ سکيءَ ۾ آهي،
ڪر متي ماٺ، تہ ماٺو ڪو اٿاري نہ وڃين.

مس اجان سور اندر جو تيو آهي ماٺو،
تون رڙي روئي وري، سور اياري نہ وڃين.

چو ڪيو پيار اڙي دل! تو وجين پٿر سان،
تون پري ٽانڊي جيان باھ ڪا ٻاري نہ وڃين.

جو بہ "اصغر" ! هي مليو سرجي پري سمجهي ڪڻ،
ڪڻ قدم اڳتي، متان هانءَ کو هاري نہ وڃين.



گهٽي بي درد آ دنيا ، نہ دردن جي دوا ڄاڻي،
نہ ڪنهنجو حال ٿي سمجهي، نہ ڪنهنجي مدعا ڄاڻي.


ستمگر ڪيڏي خلق آهي، صفا دل جي هي پٿر آ،
جفا ڄاڻي رڳو ليڪن، نٿي هرگز وفا ڄاڻي.

روئي هر شخص کي پنهنجو ٻڌايم حال دل ليڪن،
اٿم افسوس جو دل جي نہ ٿو ڪوئي صدا ڄاڻي.

ويهي پنهنجن پروان ۾ ڪجي ڪا ڳالهہ ٻي ڪهڙي،
آ هر ڪو سور پنهنجي ۾، ڪو ڪنهنجو سور ڇا ڄاڻي.

گلن جي سونهن جي ڪهڙي خبر گلچين کي يارو!
ٿو هڪڙو باغبان ڄاڻي ۽ ٻي بادِ صبا ڄاڻي.

هي دل آ عشق ۾ پاڳل، لهٰذا عشق ۾ "اصغر" !
نہ ڪائي ابتدا ڄاڻي، نہ ڪائي انتها ڄاڻي.



ايترو ئي آهي ڪافي جي ڪلي ڪيڪاريو.
چو، ڪري ماٺا پرين مون کي پيا ٿا ماريو.

ٿورڙو ڏيو سات جيڪر، گل جيان نکري پوان،
مهڪ ڏيئي ڪا محبت جي، مٿا مهڪاريو.


عرض آزيون هي اوهان وٽ، نيٺ ڪي پونديون قبول،
من نہ من هڪ ڏينهن ڪوئي گڏ ڪٽي ويهاريو.

ساقي محفل ۾ اوهان جي دل چوي ٿي مان اچان،
من پري کو جام الفت جو هٿن سان پياريو.

ها! جيئڻ کان مرڻ تائين جي نہ ٿا گڏجي رهو،
گهٽ ۾ گهٽ هي چار ڏينهڙا ۽ گهڙيون گڏ گهاريو.

زندگيءَ جي ٻيڙي ويرين جي وئي آ رخ چڙهي،
ناخدا ٻڏجي ڪناري تائين هيڪر تاريو.

جي جدائي ۾ اوهان جي مان مري هتڙي وڃان،
من اچي ڪوسا بہ ٿي اصغر لئہ ڳوڙها هاريو.



تون اچين منهنجي آڌو، لکان کو غزل.
مان لکان ۽ ها! توتي پڙهان کو غزل.


جنهن ۾ خوشبو هجي پيار ۽ عشق جي،
توکي تحفي ۾ اهڙو ڏيان کو غزل.

ذکر جنهن ۾ هجي تنهنجي قربن سندو،
دل چوي ٿي ته سوئي چوان کو غزل.

مون ته ڳولينڊي لهندي ڏني زندگي،
اڄ دعا کر ته ڳولي لهان کو غزل.

موت جي ڇا خبر موت مئي کان اڳي،
نانءُ تنهنجي مان هر هر کيان کو غزل.

مونکي جهونگارين، تنهنجي لبن تي هجان،
کاش "اصغر" مان اهڙو هجان کو غزل.



پنهنجا صديـن جا پيار پراڻـا ، نہ تـي، نہ ٿيا ،
گهاٽا تہ عشق جا ائين گهاٽا ، نہ تـي، نہ ٿيـا .

تِر کـي نہ ڇئبو داغ ۾ کنهـن داغ کـي نہ تِر ،
داغن منجهان تہ خال جا داڻا ، نہ تـي، نہ ٿيا .


مـون لاءِ تہ هن جـون ورنديون وراڻا گـهڻـا مگر ،
هُن لاءِ تہ منهنجون ورنديون وراڻا ، نہ تي ، نہ ٿيا .

سيـاڻا ڇريا تـہ کوڙ ٿيـا ، هُن جي ئي چـاهہ ۾ ،
ڇريا جي چاهہ جا اُهي سيـاڻا ، نہ تي، نـہ ٿيـا .

هُن جي تہ دل ۾ روح جون راڻيون گهڻيون مگر ،
منهنجي تہ دل ۾ روح جا راڻا ، نـہ تـي، نہ ٿيـا .

جنهن وقت کـان هو آهـي رهيـو دل ۾ دلـربا ،
تنهن وقت کـان تہ ٻئي لئہ نکاڻا ، نہ تي ، نہ ٿيا .

اکـڙيـن ۾ عـشق جـا اڏي وينـا اڇي پکـي ،
"اصغر" اُهي تـہ مونکان اُڏاڻا ، نہ تي، نہ ٿيا .



دري ته ڇا در، در ترڪيو آ.
عشق ۾ گهر جو گهر ترڪيو آ.

مئخاني ۾ مئي نوشي ۾،
ساقي کان ساغر ترڪيو آ.


هي هوس جي آهي دنيا،
ناريءَ سان گڏ، نر ترڪيو آ.

قوم تي لڪندي ڪڏهن ڪويءَ کان،
مور نه ڪو ڪاڳر ترڪيو آ.

هن جي الغوزي جي ڌن تي،
جن نه رڳو جاڳر ترڪيو آ.

سهٽي ڏسي ۾ ڏم ڪي ڏسجي،
وني نه ترڪي، ور ترڪيو آ.

عشق جي لاهي، چاڙهي اوڪي،
"اصغر" اڪبر هر ترڪيو آ.



سور کنهن لئہ سر تي سهڻا ٿا پون،
گڏ گلن سان خار کڻڻا ٿا پون.

رات جو تارا ڳڻڻ، هر کنهن پڏا،
ڏينهن جا تارا بہ ڳڻڻا ٿا پون.

راھہ ۾ کنڊن تي چا اي راهرو،
پير ٽانڊن تي بہ رکڻا ٿا پون.

سرجي خاطر، سر ڏيڻ جي واسطي،
پير تي ڏونکا بہ هڻڻا ٿا پون.


چا چوان ۽ چا بڌايان چاھہ ۾،
چڻ چٽا رُک جا بہ چبڻا ٿا پون.

روح جنهن کي ٿو گهري اُن روح لاءِ،
روح جا روزا بہ رکڻا ٿا پون.

سونهن جون سرنگهون سري آيون تہ چا،
حُسن جا واسينگ ونڻا ٿا پون.

عشق چرچو آ، نہ کوئي کيل آ،
عشق جا آداب کرڻا ٿا پون.

هُو انگل، آتا مجي "اصغر" نٿو،
پر مچائي ٿو تہ مچڻا ٿا پون.



مجبوري يا شوق جي خاطر،
ويتو آ آفيس کان ٻاهر.

ايندي، ويندي کي ٿو تاڙي،
جيئن کو تاڙي کنهن کي ڪجر.


ڏندڙا ٽيڙي ڏهڙي طلبي،
چئي ٿو آهي پيٽ گذر ير.

اڄ، وچ ۾ آفيس جو بندو،
ڪولي، بندي ٿو در هر هر.

ڏن جو عادي آڃي ويئو،
وني ءَ سان گڏ ڏيءَ ٻه وڏور.

هڪڙو صاحب انجي اڱيان،
ڪئي چمچا، چاڪر چوڪر.

"اصغر" اُن ۾ تنهنجو ڇاهي،
چپ ڪر، چپ ڪر، چپ ڪر، چپ ڪر.



ايئن آ تنهنجو نانءُ ٿڌو.
جيئن آ هوندو ٿانءُ ٿڌو.


تنهنجو نانءُ ته ڪٽندي ئي،
ٿيندو آهي هانءُ ٿڌو.

هِن ۽ هن لاءِ جهڙو جيئن،
تولاءِ آهيان آنءُ ٿڌو.

سرد جگر ۽ دل به سهي،
ٿئي نه ڏات ۽ ڏانءُ ٿڌو.

پرٽيو گهوٽ ته وائڙي ڄڄ،
ٿيندو آهي وهانءُ ٿڌو.

موٽيو آهي نااُميد،
”اصغر“ اڄ آڪانءُ ٿڌو.



سر تريءَ تي جو رکي ديس جا دودا نڪتا،
جُوءِ لئہ جان ڏيڻ جُوءِ جا جوڌا نڪتا.

سنڌ ڌرتي تہ امڙ آهي امڙ جي سڏ تي،
جيءَ ۾ سڀ جيءَ ڇنئي، جيءَ جيالا نڪتا.


پنڌ ۾ پل بہ نہ ترسيو ڪو محبت وارو،
توڙي هئي جان تڪل پير ۾ ڇالا نڪتا.

هام ۾ هيمون جيان، هوش ۾ هوشوءَ وانگر،
دل ۾ دودي جا رکي، حرف حوالا نڪتا.

جنهن بہ جيجل کي ڪئي، وقت جي للڪار تڏهن،
وقت تنهن ڪان ڪو پڇي، ڪنهن جا تي لاشا نڪتا.

هر ڪا پاڳهي آهتي، هر ڪو آ دولهہ دريا،
نينهن مان نينهن پريا، نالا نرالا نڪتا.

مان تہ ”اصغر“ ئي سهي، ڪيئي هتي جا اڪبر،
جيت جا چڙ تہ بٽي، گيت، جمالا نڪتا.




موٽي ايندس رڳو تون چيون ٿو وڃين،
ٿو وڃين، درد ڪيڏا ڏيون ٿو وڃين.

ڪنهن سمي سومري هوند اهڙي نه ڪئي،
جهڙي مونسان پرين تون ڪيون ٿو وڃين.

جي نٿو تون رهين، رهه نه پر هي مٿان،
تهمتون هيڏيون ڇو هنيون ٿو وڃين.

مون سچي عمر توسان ڪو ليڪو نه ڪيو،
مون سان ڪهڙا مُناهي منيون ٿو وڃين.

مان ٿو سمجهان رڳو دل هي "اصغر" جي تون،
ڏئي ٿلها آسرا بس ڪنيون ٿو وڃين.



طلب خيالن جو نہ پلاءِ،
تورو طرف حقيقت آءِ.

اهل دل جو دنيا ۾،
لهندو آخر ڪير سماءَ.


ڪنهنجو آ انسانيت سان،
ڪنهنجو دنيا سان لڳاءُ.

تون تہ چوين تو پر مونکان،
ڪو نہ ٿئي تو رک رکاءُ.

مونکي آهي سچ منو،
اُن ۾ ناهي ڪو بہ وڌاءُ.

جي تون منصف آهين پوءِ،
راءِ ڏي پنهنجي ريءَ رياءُ.

توکان "اصغر" آهي پڇيو،
ڪير آ وڏ، هي سير يا پاءُ؟.



پٿر نہ پوڄجي ،جو پٿر خدا نہ آ.
ڪنھن درد مان ئي درد جي ٿيندي دوا نہ آ.


ڪاغذ جو گل بہ ڪيڏو سھڻو سينگارجي،
ان مان تہ پوءِ بہ خوشبو ايندي تہ ڪا نہ آ.


سوچي ڏسو اوھان پل سچ آ چڱن چيو،
ڪنھن بي وفا ڪان ھرگز ٿيئي وفا نہ آ.

ڪيئي حَسين آيا ليڪن ھليا ويا،
ھي حسن ۽ جواني رھڻي سدا نہ آ.

سو دل نہ سيني ۾ تو رکي، آ پٿر جو بت،
جيڪو ٿيو حَسين تي ڪڏھن فدا نہ آ.

دنيا طمع جو گھر آ دنيا گھمي ڏسو،
شڪوہ نہ آھي "اصغر" ڪنھن جي گلا نہ آ.





نادان زندگي.
نقصان زندگي.

ڪنهن ڪم اچي نه جي،
سا آن زندگي.

جا موت کان ڊڄي،
ٻي مان زندگي.


ڪنهن ڪنهن جي واسطي،
آشان زندگي.


هرگز نه ايئن چيم،
"آسان زندگي".

هر جاءِ حشر جو،
ميدان زندگي.

سوچي ڏسو ته ڇا،
انسان زندگي.

اصغر به ڏينهن ڄڻ،
مهمان زندگي.





يار تي لڪندو رهان.
پيار تي لڪندو رهان.

واسطي گل جي پيو،
خار تي لڪندو رهان.


وار جنهن اڇٽو تنهين،
وار تي لڪندو رهان.

مان انهيءَ جي جيت يا،
هار تي لڪندو رهان.

رنج تي يا راض تي،
عار تي لڪندو رهان.

تانگهه تي يا تڙپ تي،
تار تي لڪندو رهان.

آر "اصغر" آهي تان،
آر تي لڪندو رهان.



ڳالهه آهي ڇا ڀلا.
تو رهين مون کان جدا.

تو وڏائيندو وڃين،
فاصلن تي فاصلا.


ها تلها ڇنبا اهي،
آسرا ۽ واعدا.

ڪانه ڪا تو سان ضرور،
مور تي آماجرا.

يا تيا طاري اٿئي،
نينهن ڪنهنجي جا نشا.

ڇا خطا مون کان پئي،
ڇو ڪرين تو تون جدا.

ڇو تو "اصغر" سان ڪرين
بيوفائي بي وفا.



خوابن ۾ تون ايندي آهين،
منهنجي تون ڇا ٿيندي آهين.

پاسو مان بدلائي پاڳل،
سمهندو هان تہ سڏيندي آهين.


ننډ ڪرڻ ڪان آخر مونکي،
ڇا لئہ تون روڪيندي آهين.


پنهنجن ڪان وڌ پنهنجو سمجهي،
مون سان حال ونڊيندي آهين.

منهنجي آئيندي لاءِ ايڏو،
ويهي ڇو سوچيندي آهين.

تنهائي ۾ تنها ڏاهپ!
ساري رات ڪٽيندي آهين.

جاڳ ۾ هوندو آهي ”اصغر“،
تون جو ايندي ويندي آهي.





دوستي جي واسطي،
دشمني جي واسطي.

چانه تو ماٺ هو ڪري،
زندگي جي واسطي.


تو وڃان هن ڏي هلي،
دل لڳي جي واسطي.

هو وڃي سوڳنڊ تو،
بي رخي جي واسطي.

عشق اُڀاري چنڊ جيئن،
روشني جي واسطي.

روح تو رلندو وتي،
شاعري جي واسطي.

سور تو "اصغر" سهي،
ڪنهن خوشي جي واسطي.



تو آ سوچيو يار ڪڏهن.
لهندو هي آزار ڪڏهن.

پيار پکئيڙا ماري جو،
مرندو سو پرمار ڪڏهن.


جنهن لئہ پاڻ پتوڙيون ٿا،
ورندو اهڙو وار ڪڏهن.

جند سان پنهنجي سنڌ جُڙيل،
آيو ٿئي اوتار ڪڏهن.

سوچ تہ ائين گل جي خاطر،
ڪٽو پئي تو خار ڪڏهن.

جنهن سچ ٻوليو، سو نہ ٿيو،
شاعر شاهوڪار ڪڏهن.

ڪين ڪندو ڪر تون "اصغر"!
غربت جو ويچار ڪڏهن.



محبت کي هرگز ميساريو نہ ويندو.
مٺا ساڻ نفرت نهاريو نہ ويندو.


ڪرين تو جي شڪوه شڪايت ڀلي ڪر،
اکيون ڇڏي بہ اهڙو اچاريو نہ ويندو.

ٻٽي دل جو پٿر هٽي تو تون پٿر،
مگر گل بہ توکي الاريو نہ ويندو.

چوين تو جدائي ڪري ۽ جدا ٿي،
پرين پل بہ هڪڙو گذاريو نہ ويندو.

جيئڻ ۽ جيارڻ جي جڳ ۾ اوجاڻي!
جياري وري آهي ماريو نہ ويندو.

مان آهيان سو آهيان سدا تنهنجو "اصغر"،
توکي ڪنهن بہ صورت وساريو نہ ويندو.



تو لئه ڏاڍو لڇندي آ دل.
تنهنجو پل پل پڇندي آ دل.

ڏنڌلي ڏنڌلي شام جو دلبر،
تو لئه راهون ڏسندي آ دل.


چين وانگي پنهنجي ليکي؛
رئندي آ ۽ کلندي آ دل.

سياري جي برسات جيان هيءَ،
گونگي، گونگي وسندي آ دل.

تنهنجون ڳالهيون ياد ڪري بس!،
جهوريءَ ۾ پئي جهجهندي آ دل.

ڪهڙو ڪيل بڻيو هي جيون،
پل ۾ جئيندي مرندي آ دل.

"اصغر" جي هڪ تو بن پيارا،
ويڳاڻي ٿي وتندي آ دل.



دوستي آباد ڪريو دوستو!
دشمني برباد ڪريو دوستو!


همٿن سان ٽا پون ڏونگر ڏري،
همت فرهاد ڪريو دوستو!

دردمندن سان ڪيو همدرديون،
درد جو ڪو داد ڪريو دوستو!

پنهنجا آهيون پنهنجا آهيون پاڻ ۾،
ايڪو ۽ اتحاد ڪريو دوستو!

سچ سان آباد ڪريو زندگي،
ڪوڙ کان آزاد ڪريو دوستو!

دل دُکي "اصغر" جي هڪڙي ڪين پر،
هر دکي دل شاد ڪريو دوستو!



هُو جي عشق علاوه هوندا.
سي ڇا آدم ڇاوا هوندا.

عشق جي راهه ۾ گل هوندا ڇا؟
ڪنڊا هوندا، ڪاوا هوندا.

عاشق غم ڪائيندا وتندا،
معشوقن لئه ماوا هوندا.


سازوندن جي ساز ۾ سڙيا،
سُڪن سان گڏ ساوا هوندا.

ساڻ پروان هوندا پنهنجا،
پنهنجن سان نه پراوا هوندا.

مسجد، مندر، اندر يارو!
ملان هوندا، ٻاوا هوندا.

پورهيت گهر ۾ پورهيت ماٺهو،
بکيا يا اڌ ڍاوا هوندا.

ڪالهه به "اصغر" توته خريديا،
پاءُ سوا جا پاوا هوندا.



اڃي تو منجهان ٿي بهارن جي خوشبوءِ،
بهارن جي پيارن نظارن جي خوشبوءِ.

بدن تنهنجو پاڻي ۾ جنهن پل پُسي ٿو،
اچي يار! سنڌوءَ ڪنارن جي خوشبوءِ.


ٿيو تنهنجي ٻانهن ۾ محسوس مونکي،
ته آ، گل گلابن جي هارن جي خوشبوءِ.


هوا مست ٿي ۽ گهلي هر طرف کان،
ڪنيائين جڏهن تنهنجي وارن جي خوشبوءِ.

اچي جنهن گهڙيءَ منهنجي ويجهو تون وينين،
ملي خوب قربن، قرارن جي خوشبوءِ.

چڇين ٿو، ته مون لاءِ اونهاري جو جهولو،
ملين ٿو ته مون لئه ملهارن جي خوشبوءِ.

ڏسان تنهنجي چهري جي رنگيني "اصغر"!
اچي جنهن مان نقش ۽ نگارن جي خوشبو.





هن هيڏي ساري دنيا ۾، ڇا دردن جو درمان نہ ٿيو.
۽ لڙڪ لڙي پيا اکڙين مان، کو لڙڪن جو درمان نہ ٿيو.

هن گلشن کي ويران ڏسي، بلبل بہ هلي وئي گلشن مان،
مالهي بہ رنو، ٿي گل بہ رنا، جو گلشن جو درمان نہ ٿيو.

آهي اڄ کو اهڙو واءُ گهليو، جو نفرت جا ويا مچ مچي،
رهيو نہ محبت جو نالو ۽ محبن جو درمان نہ ٿيو.


برباد ٿيندو هر کنهن کي ڏسي دنيا تہ خوشي ۾ ماپي نہ ٿي،
غمخوار ڇڏي ويا هن تڏهين غمگينن جو درمان نہ ٿيو.


هو خون آلوده ڪٽي نظرون مونڏي ٿي ڏسي پئي ڇو دنيا،
مون ڏوهہ ڪيو، جو سچ چيو، پر سچن جو درمان نہ ٿيو.

بي رحم چوان، بي درد چوان، مان چوان تہ ڇا هن دنيا کي،
تو ٿي تڙپي، تو من تڙپي، کو تن من جو درمان نہ ٿيو.

هي لڙڪ اکڙين جا موتي ها، تن موتين جو کو مُلهہ نہ ٿيو،
هت هيرا ڪنکر سمجهيا ويا، کو هيرن جو درمان نہ ٿيو.

ارمان اهوئي آ اصغر هن ڏاڍ ۽ جبر جي عالم ۾،
جي ٿيو آهي، تہ بہ ڏاڍن جو، هت هيڻن جو درمان نہ ٿيو.





نيڻ توسان ملائي ويٺا سين،
هوش پنهنجو وڃائي ويٺا سين.

هي جواني ڏسي مٺا تنهنجي،
جان پنهنجي جلائي ويٺا سين.

ڇا پڇا يان پيار ۾ پنهنجو،
اڄ ته سڀ ڪجهه سهائي ويٺا سين.


توکي وڏندو ڏسي اسان خود ئي،
پير اڳتي وڌائي ويٺا سين.

هٿ مٿي تي جو ڦيري تو پڇيو،
ڳالهه هر ڪا پڌائي ويٺا سين.

دل ته پنهنجي نه ٿي مڃيو ليڪن،
نيٺ دل کي مڃائي ويٺا سين.

شهر پنهنجو ڇڏي اچي تنهنجو،
شهر دلبر وسائي ويٺا سين.

سوچ ۽ سمجهه کان سوا "اصغر"،
دل جي دنيا لٽائي ويٺا سين.



محبت جي ڪرڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.
وفا جو دم ڀرڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.


حقيقت شيوو آ پنهنجو، صداقت پيشو آ پنهنجو،
او دل ۾ سچ رکڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.

سين تي فرض هي آهي، حفاظت ديس جي ڪريون،
محافظ ٿي رهڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.

ٿي قابض ڌاريا ويهن، سنو ڪنهن کان نہ هي ٿيندو،
اٿي پنو اڄ اٿڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.

تا منزل ڏي وڌڻ چاٿو، جيئڻ چاٿو، مرڻ چاٿو،
جيئڻ وارا مرڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.

عزيز و ساٿيو گڏجي وجو "اصغر" سان سڀ هڪ ٿي،
جي آهيو سر ڏيڻ وارا، ڏجو ڇو تا زماني ڪان.



مان تہ ويهڻ ٿو گهران مون کي اٿارين ڇو ٿو.
مور محفل مان ڏکا ڏيئي، ڏکارين ڇو ٿو.


ها! ڀري جام محبت جو پنهنجي هٿڙن سان
منهنجي سامهون تون رقيبن کي پيارين ڇو ٿو

مون تہ هڪ تنهنجي ڪري، آهي سڄو ڏيهہ ڇڏيو،
پوءِ بہ مونکان تون پرين !ڏور گذارين ڇو ٿو.

اڳ تہ مونکي تون سڏي ڀر ۾ ويهاريندو هئين،
اڄ تہ ڪوني تون رقيبن کي ويهارين ڇو ٿو.

مون کي ڏک سور ڏئي مفت ۾ مارڻ ٿو گهرين،
جي اٿئہ مارڻو پو يار جيارين ڇو ٿو.

ڇا پئي آهي خطا يار تنهنجي "اصغر" کان،
تون وسارين تہ ڀلا نيٺ وسارين ڇو ٿو.



چو تو الائي غير کي هو گهٽگهرو ڪري.
ڪيئن تو ستم ظريف، ستم ايترو ڪري.

ڪريان تو پيار پر نہ چوان تو تہ هيترو،
هُن جي رضا آ، هيترو يا هيترو ڪري.

هُو جي اچي، تہ جاءِ ڏيان هن کي دل اندر،
دل جو اڱڻ انهيءَ لاءِ، خدا ويڪرو ڪري.


سچ جي سبب ڪري بہ يا، تہ تو ڪري غضب،
سچ تو ڦري تہ تر تو سندس ترورو ڪري.

جو بي سرو سو بي سرو، جو بي گرو تہ چٽ،
ڪنهن کي خدا نہ بي سرو ۽ بي گرو ڪري.

ساڃهہ هجي تہ هن ۾ سڄڻ! هيءَ بہ هڪ هجي،
پنهنجي کي پنهنجو، اوپري کي اوپرو ڪري.

اڳ پوءِ ڳٽي ئي ڪين جو، اڳ ڪان بہ اڳ هجي،
اُن کي اڃان بہ چئجي، پلي اڳيرو ڪري.

"اصغر" سموري ڳالهہ عمل سان ئي هت ٿئي،
جيڪو هتي ڀلو ڪري، جيڪو برو ڪري.



تنهنجي ملڻ سان منهنجو مٽي مان ٿو ٿئي،
تازو اجان به ايئن چوان ايمان ٿو ٿئي.

خنجر ۽ ڪاتيون نه پر، سرخي، اکيون، ڪجل،
مون لاءِ ڪهڻ جي واسطي سامان ٿو ٿئي.


جنهن کي چکايئه چاهه مان چپڙن جي چاشني،
ڪيڏو هجي به جهور اُهو جوان ٿو ٿئي.

مون تي اٿين نه شوخ نظر جو تون وار ڪر،
ڪجهه رحم ڪر نظر جو نيشان ٿو ٿئي.

جنهن ۾ نه آهي عشق سو انسان ڪين آ،
جيڪو ڪري ٿو عشق سو انسان ٿو ٿئي.

ڪنهنجو وڃي نه ڪجهه نٿو، منهنجو ته اي پرين،
ناتي ۽ نينهن، دل سندو نقصان ٿو ٿئي.

منهنجي مجي نٿو رڳو، پنهنجي مڃائي ٿو،
"اصغر" کي ڳالهه انهي جو ارمان ٿو ٿئي.



انيــن يـار منهـنـجــو هــزارن ۾ پڌرو.
جيــئــن چنڊ سـهـڻو ســتــارن ۾ پڌرو.


جنيــن گــل گــلابــي آ گلــشن ۾ هوندو،
تيــئــن مـحب ميــڙن قطــارن ۾ پــڌرو.

پلــي يـار يــارن پيــارن ســان پيــئيــو،
پــريــن آهــي يـــارن پيــارن ۾ پــڌرو.

نظارا اوهـــان کجــهـ ڏنــا پيـا بـ هوندا،
مــگــر هــي نــظــارو، نــظـــارن ۾ پــڌرو.

پيــاري تــو پيــالو مـحبت جــو، جيــکو،
اثر ان جــو تــئي تــو خـــمـــارن ۾ پڌرو.

گهڻو ضبط دل تي رکان تو اي "اصغر"،
مگـــر درد تـــئي تـــو پُکــارن ۾ پڌرو.



ٿينـدو ٿينـدو سڪ سـڪار.
ويـنـدو ويـنـدو ڏک ڏڪـار.

گـذريـو آ ڪـجـهـ گـذري ويـنـدو،
ورنـدو نـيـٺ سـيـاڳـو وار.

ڏک ڏولاوا هــي سـي ويـنـدا،
ٿـر، بـر ٿـيـنـدو بـاغ بـهـار.


سـارو ڏينـهـن ٿـا سـانگي سـارن،
مـيـنـهـن منـدون ۽ مـيـنگهـ ملـهـار.


سـهندي، سـهـنـدي ڪيـسـين سـهـندي،
ڏاريـن جـو هـي ڏرتـي بـار.

ڏاريـن سـان دل ڪـا نـہ هي لڳندي،
پـنـهـنجـن سـان آ پـخـتـو پـيـار.

جـيـئـي سـنـڌي جـنـدڙي پـولـي،
پـولـي مـنـڙي هـيـنـئـڙي ٺـار.

نـنـڍ پـيـون آن ڇـو تـون "اصـغـر"،
بـاقـي مـاڻـهـو سـي بـيـدار.





هر روز راهه يار جي وينو ڏسان ڏسان،
ايندو ڪڏهن اڱڻ تي پيو، مان پڇان پڇان.

جنهن جي اچڻ سان ٿي اچي مون لاءِ بهار سو،
آيو هو ڪين، هاڻ ٿو سمجهان خزان خزان.

اکڙين ۾ هاڙهه جان پيو مهراڻ ٿو وهي،
دل ۾ سياري مينهن جيان گونگو وسان وسان.


مون سان ڪري خبر نٿو ڪوئي صحيح صحيح،
ايندو پرين يا پاڻ مان ان ڏي وڃان وڃان.

سهٽا سوين سينگارجي محفل ۾ ويا اچي،
محفل جي مور ريءَ مزو آٽيان ڪٿان ڪٿان.

مون هو چيو عجيب ڪي اچجان تون پاڻ پر،
ماري وڌو سڄڻ جي مونکي نه مان نه مان.

مون کان پڇيو ٿي دوستن "روئين ٿو ڇا سبب"
تن کي چيم، ته يار لئه مان ٿو رئان رئان.

شايد لکيل ڪا ياگ ۾ "اصغر" نه آ خوشي،
پنهنجي ئي ياگ ڪي پيو، بس مان چوان چوان،



وئي برباد تي جن لئہ سچي هي زندگي منهنجي.
لٽيرا تي لٽيندا ئي رهيا ، سي هر خوشي منهنجي.

پلا تن جي وجي آڏو روئان روئڻ مان ڇا ورندو ،
وري پي درد ئي ملندا سدا آ دل دکي منهنجي.


دُکي دونهين پئي جيکا دُکي آخر ٻري پوندي،
دُکي جي پئي ٻري هي دل، صفا ويندي ٻري منهنجي.


ڇوي جيئن تيئن کيان ٿو بس هلي تي کا نہ دل آڏو،
ڏسو دل جي اڳيان کيڏي نہ آهي بيوسي منهنجي.

ڪچيا جي ڪين هوندا سمجهہ سي آخر لچيا هوندا ،
ڪُچيو ۽ مون لچيو ناهي ڏسي ڇڏ سادگي منهنجي.

ڏکاري ۽ ڏکا ڏيئي تڙي ڪڍيو جنين در تان،
تڏهن پي پيو وڃان تن ڏي، جو آهي دل لڳي منهنجي.

انهي هوندي بہ پيو تن جي ڪيان تعريف اي- "اصغر" !
هجي کو پارکو پرکي ۽ پرجهي شاعري منهنجي.





اڳڻ منهنجي پيارا اچين ها ته ڇا هو.
اچي روبرو تون ملين ها ته ڇا هو.


نه ڪنهن توکي روڪيو، نه ڪنهن توکي ٽوڪيو،
نه تون پاڻ پنهنجو پلين ها ته ڇا هو.

ڪڪر ڪارڙو تي، ڇپر ڇانورو تي،
سڄڻ سانورا جي وسين ها ته ڇا هو.

اکر اکر مون کي ڏئي زندگي ها،
وچين ڏور خط کو لکين ها ته ڇا هو.

حياتي ته مون ير گهري کا نه تي پر،
کو هڪ دم دلاسو به ڏين ها ته ڇا هو.

هي بيمار "اصغر" هيو تنهنجو دلبر.
سيتائي ڪان سهٽا پڇين ها ته ڇا هو.



يار پنهنجو ويو آ وڇڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.
باغ دل جو ويو آ اجڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.


جنهنجي ايرڻ سان سيئي درد ويا ها ميٽجي،
سو ستارو ويو آ نڪري ، يا ڳ پنهنجي کي چوان.

يار هو وڇڙي ويو کو پيار هو اجڙي ويو،
زخم پيا پيهر هي اڌڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.

ڪا نہ سگهندي دل سهي هي درد هيڪاندا سڄڻ!
ڇو جو آهي دل تہ هڪڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.

روح کي رئندو ڏسي اڄ ڪيترن روئي ڏنو،
آ جلي وئي ساري جندڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.

هن کي غيرن جي ئي وچ ۾ مون ڏنو "اصغر" وري،
ڪاش روئان ها مان چنبڙي، يا ڳ پنهنجي کي چوان.



ڪريان مان ڪهڙي شوق سان ڪنهن لاءِ شاعري.
دلبر نہ آهي ڪو، نہ هتي ڪائي دلبري.


دنيا سچي ۾ ساٿيو ساٿي سچهي نہ سو،
جيڪو ڏئي محبت ڏيان جنهن کي جيتري.

اڄ جا ڏسي هي دوست ۽ اڄڪلهہ جي دوستي،
منهنجي اکين ۾ تو اچي پاڻي تري تري.

دنيا دو رنگي آهي هي، دنيا جا رنگ ڏس،
اشراف ڪمتري ۾، ڪميڻي جي برتري.

رلندو رهيس مان عشق جي راهن ۾ روزِ شب،
هن راهِ عشق ۾ نہ ڪئي ڪنهن بہ رهبري.

مفعول فاعلات، مفاعيل فاعلن،
استاد سان نہ ڪر سگهي "اصغر" تون همسري.



هر روز پيو کيان ٿو، تنهنجون پرين پُڇائون.
ايندين تون خير سان شل، پيو ٿو گهران دعائون.

جاني ٻه تون هجين پر آباد شل هجين تون،
کوسيون لڳن نه توکي، سهٽا سچڻ هوائون.


کريان ته ڇو نه کريان توساڻ مان وفائون،
جي تون کرين ته پيو کر، مونسان جئين جفائون.

جنهن ۾ تون راضي ان ۾ آهيان اڳئي مان راضي،
تنهنجون رضائون آهن، منهنجون پرين رضائون.

شايد جهان جي تون هڪ جان آهين جاني!،
آهن ٻٽيون بي رونق، هت توسوا فضائون.

توکي ڏسڻ عبادت، سمجهان ٿو مان ته آهن،
تنهنجي ئي هٿ رضائون، تنهنجي ئي هٿ قضائون.

ساعت جو ٿئي نه کوئي محتاج هوند "اصغر".
ٿي بي اثر پون ٿيون، جنهن جون سيئي صدائون.



هو تہ نہ آيا، منهنجا پيارا.
سڪندي سڪندي سال ٿيا سارا.

سور خزائون، سور بهارون،
سور سمورا سيارا اونهارا.


ساريان سنياريان تن کي وينو،
جيڪي آهن ڏاڍا ويسارا.


لونُ لونءُ ۾ آ لهر ڏکن جي،
دل ۾ آهي درد جي ڏارا.

ڪيڏو قحط محبت جو هت،
ڪو نہ ملن ٿا سُک اڏارا.

شايد آ، دم تن لئہ ترسيل،
آهن جيڪي ساه سهارا.

"اصغر" کي آ آس انهن جي،
پر هو ڪري ويا يار ڪنارا.





تون خدا نالي جدا مون کان نہ ٿي.
تون خفا منهنجا مٺا! مون کان نہ ٿي.


مون مٺين ٿي جي مٺيون توکي ڏنيون،
سا محبت چئو، خطا مونکان نہ ٿي.

موت جو منظر هيو جنهن ڏينهن چا،
عيد هئي پر توسوا مون کان نہ ٿي.

عشق جي هيءَ ٿي اچانک ابتدا،
عشق جي کا انتها مون کان نہ ٿي.

جڳ ڏنا الزام کيئي تهمتون،
تہ بہ کائي شکوه گلا مون کان نہ ٿي.

درد اصغر کي ڏنئہ کيڏا مگر،
پو بہ تولئہ بد دعا مونکان نہ ٿي.



باوفا منهنجا پرين ڪيئن بيوفا توکي چوان،
تون تہ مون سان ساڻ آهين ، ڪيئن جدا توکي چوان.


تون تہ سهڻن ڪان بہ سهڻو سرس آهين سونهن ۾،
مہ جبين توکي چوان يا مہ لقا توکي چوان.

جيئن پکين ۾ هنج آهي ۽ گلن ۾ جيئن گلاب،
تيئن ئي ماڻهن ۾ مان ماڻهو دلربا توکي چوان.

تون وفائن جو مجسم ، ڪا نہ ٿئي ڪلفت ذرو،
باوفا توکي چوان يا خود وفا توکي چوان.

واسي ڇڏيو جنهن بدن منهنجو سچو خوشبوءِ سان،
اهڙي خوشبودار گلشن جي هوا توکي چوان.

تون ڪني آهين تہ اصغر ڪي نہ آهي درد ڪو،
ڇو نہ پو مان پنهنجي دردن جي دوا توکي چوان.



مون وفاداري بہ ڪئي، پر بيوفا اچ ٿي ڏسان.
سال جنهن سان گڏ رهيس، تنهن ڪان جدا اچ ٿي ڏسان.

مونڪان دنيا هي خفا ٿيندي رهي آهي مگر،
مان بہ دنيا ڪان ڦري، هيڪر خفا اچ ٿي ڏسان.

ڪيترا سهٽا ستمگر ها ڪندا مون تي ستم،
منهن رکو ۽ ڪو ستمگر مان پلا اچ ٿي ڏسان.


ڪيترن ئي رهنمائي ڪئي، نہ حاصل ڪجهہ ٿيو،
هاڻ پنهنجو پاڻ رهبر رهنما اچ ٿي ڏسان.


شيخ! منهنجي شوق ۾ گستاخي چو تو تون ڪرين،
يار جي ڳل تي تہ تر جيان رونما اچ ٿي ڏسان.

مون تہ پنهنجي دل جو عيوض ڪو نہ هئو ڪنهن ڪان وتو،
مان ڪري واپار دل جو، دلربا اچ ٿي ڏسان.

مون محبت ۾ حجابن ڪان سدائين ڪم وتو،
ٿي چوي دل بي حجاب ۽ بي ريا اچ ٿي ڏسان.

مون تہ مطلب واري ياري دوستي ڪنهن سان نہ ڪئي،
مان بہ ٿورو مطلبي "اصغر" ادا اچ ٿي ڏسان.





تـو لـکـي درد پـريا گـيـت غـزل پـرديـسـي.
آهي هر کنهن جـو پـٽل ۽ هو ڏٺـل پـرديسي.

چوسـتـا بيت ۽ وايـون به سنـدس ڇا چئـجن،
يار! مـونکي تـه گـهـڻـو آهي وڻيـل پـرديـسي.

سـاهه منهنجي ۾ سـدائين سـو سـمـايل آهـي،
روح مـنـهـنـجـي ۾ رهـيـل آ ۽ رتـل پـرديسي.


جـيـتـرو سـمـجـهـه پـريو تيـتـرو آهـي سـادو،
۽ سـخـي دل جـو آهي روح ڇُـٽـل پـرديـسي.

هن کي چـاڻي ۽ سـڃـاڻي تـو هتي هر مـاڻـهـو،
لوک ۾ نـاهـي کنهـين کـان بـه لکل پرديسي.

تـو جـيـئـي ۽ هو مـري قـرب ذري لئـه هـمـدم،
قـرب وارن جـي اڳـيـان آهي کُـٽـل پـرديـسي.

نظـريـو آهـه سـين جـو ئـي جـداگـانـه مـگـر،
تـو عـقـيـدي ۾ لڳـي ،سـامي سچل پـرديـسي.

کنهن پڇيو، کهڙو آ، استاد تنهنجو اي "اصغر"!
مـون رواٽيـو تـه سـڄـڻ سـائـين پـيـرل پرديسي.



وري منڊ آئي نه دلدار آيو.
سڄڻ کين منهنجي لهڻ سار آيو.

گهٽا وار آيا سي گذري ب ويا پر،
سڄڻ جي ملڻ جو نه ڪو وار آيو.

بنا ڪنهن سبب جي رسي هو هليو ويو،
مگر هُن جي ڪاوڙ تي پيي پيار آيو.


لکيو مون هيو خط پرين ڏي اچڻ لئه،
مگر موٽ ۾ آهي انڪار آيو.

سيئي خيال منهنجا ويا منتشر ٿي،
ٻڌڻ ۾ جو ڪنهن جو ڪو سڏڪار آيو.

اٿي ۽ ڏٺم جو ته حيرت وٺي وئي،
ٿي رئندو ڪنهين جو بکيو پار آيو.

اڙي دل تي ڪهڙي طرح آسرو ڏين،
اجها عيد آئي، اجهو يار آيو.

الائي چو "اصغر" اڳئين عيد وانگر،
نه هن عيد تي پيي هو منٺار آيو.



چمن ۾ نہ ڪائي بهاري تي ڏسجي،
نہ اهڙي ڪا موسم پياري تي ڏسجي.

گهمڻ لئہ ويس باغِ الفت ۾ ليڪن،
نہ بلبل نہ ڪويل بہ ڪاري تي ڏسجي.


نہ ساقي تو ڏسجي، نہ مالهي بہ ساڳيو،
نہ سنگت بہ ساڳي ۽ ساري تي ڏسجي.

خزان جو لڳي واءُ اهڙو ويو جو،
وڻن ۾ نہ سائي ڪا تاري تي ڏسجي.

ڪسي منهنجي دريا ڪان ڪنهن موج مستي،
رڳو هاڻ سنڌوءَ ۾ واري تي ڏسجي.

نہ ڪو باغ برسيل، نڪي رسمون راهون،
نہ ڪا واٽ ئي وندر واري تي ڏسجي.

رڳو ناهي ارمان "اصغر" جي دل کي،
مگر خلق ساري ڏکاري تي ڏسجي.




جيئي سنڌڙي، جيئي سنڌڙي، جيئي سنڌڙي ساري.
جيئن سنڌ جا هي سڀ جيئن پورهيت هاري ناري.

پنهنجن سان ئي پيار آ ڪرڻو، ڌارين کي بس ڌار آ ڪرڻو،
توکي مونکي ڪرڻي آهي، پنهنجن جي پوئواري.

سوري سڏئي ٿي سورهيه آ تون، نهه نهه ڇاجي اڄ ڪر ها تون،
سوچين ڇا ٿو، سنڌڙي ڪان ڇا اٿئي جندڙي پياري.

سچ تي سر ڏيڻ جي ستي ماءُ وڏي آ ڄمندي،
سنڌي سپوت اهوئي آ، جنهن ماءُ جي ٿڃ نه ڪاري.

وير نه واري وربو اصغر، ماري ماري مربو "اصغر"،
ڪڏهن ڇڏي ميدان نه ڀڄبو. ٽيٽو ناهي مياري.



ويندس تي آءُ پاڳل دانهون ڪري ڪري.
توکان پرين جي پل به ڪو، ٿيندس پري پري.

مون کي نه آزماءِ تون پاڻان پري ڪري،
منهنجي ڪٽي تي توريءَ ساعت سري سري.


آهي چڳو ته پياس پياسن جي دور ڪر،
ڏي منڙي مُرڪ سان تون ساغر ڀري ڀري.

ايڏو ستم ظريف ٿيڻ نيڪ ناهي دوست!
ماٺا ڪري نه مار تون، مونکي ڏري ڏري.

سيکي تو سمجهان آخر انسان آهيان مان،
منهنڙو مٽيندو تو وڃين، مون کان هري هري.

راتين جو جاڳي جاڳي گذاريان ٿو توسواءِ،
چڻ جسم تو چراغ جيان هي ٻري ٻري.

اصغر سان ڪين سونهين ٿي اهڙي هي بي رخي،
ڏس ڪو ڏيان دلربا پنهنجو ڏري ڏري.




نئون سال توکي مبارڪ مٺا آ.
سدا خوش رهين تون، هي توکي دعا آ.

پراڻو هو جيئن تيئن ويو ڏيٺ گذري،
نئون سال ٿيو اڄ وري رونما آ.

مٺا تون به مون لاءِ گهر کي دعائون،
جو منهنجو سو تنهنجو هو بيشڪ خدا آ.

نئين سال جو ڇا ڏيان توکي تحفو،
" هي دل، هي جگر نذر تنهنجي وفا آ" .

نئون سن واڌايون نئون نينهن لايون،
هلي آ، هي "اصغر" جي توکي صدا آ.



زندگي جو کيئن ڪٽيان هيڏو سفر،
تو سوا منهنجو ڏکيو آهي گذر.

تو اڳيان مان عشق جو آهيان ثبوت،
وار اٿيا، خشڪ چپڙا چشم تر.


تون اگر آهين ته آهي هر خوشي،
ورنه توريءَ مون لاءِ آهي حشر ير.

ڪا خوشي آهي تڏهن ئي عارضي،
ان خوشي جو ناهي دل تي ڪو اثر.

مان ته تنهنجي پيار ۾ شيشي جيان،
تون ته آهين نفرتن جو ڇڻ پٿر.

تون سدا سرهو لڳين ڏاڍو مگر،
تو جدائي ۾ جلي منهنجو جگر.

ڏيئي "اصغر" کي اچڻ جو آسرو،
او منا سائين! اچڻ واري ته ڪر.



ٿا گذاريون يار تنها پيار ۾.
ڪيترا ٿي ويا سين رسوا پيار ۾.

هيڪلايون، هي جدايون، جھورڻا،
ڏک پوڳيا سين هي ڪيڏا پيار ۾.


ڇا ڏنوسين. ڇا مليو آ پاند ۾،
هي ڪيا سين ڪين ليکا پيار ۾.

تون به ٿوڪڻ وارا عاشق بڻجي ڏس،
۽ ڪمائي ڏس ڪي تمغا پيار ۾.

چو طرف هٿا درد جا ٿوهر رڳو،
آهي جيون ڄڻ ته صحرا پيار ۾.

شهر ۾ پرڪيا سين بڻجي اجنبي،
سڀ سڄڻ پنهنجا پراوا پيار ۾.

پياس من ۾ پائي "اصغر" ٿي رليو،
تون هئين حالانڪ، دريا پـّيار ۾.



برھہ ڪاڏو دل ۾ جو پڙڪو پرين!
دل جگر ۾ پئجي ويو ہڙڪو پرين!


چوطرف دردن ڪيو گھيرو وري،
چڙ لٿو لشڪر ڪري ڪڙڪو پرين!

آيو ائين طوفان دل بستي اندر،
من وٽن ۾ پئجي ويو تڙڪر پرين!

سانت مس مس ٿي وئي آ شھر ۾،
ڪنھن وري لاتو اِھو نڙڪو پرين!

عاشقن سَوَ سور ڪاڏا عشق ۾،
ڏي نہ دردن جو وري دڙڪو پرين!

دل چيو "اصغر" اُٿي ڪر آجيان،
درتي ٿيو آھي وري ڪڙڪو پرين!



پيار ڏئي پو ڇني جدا ٿو ڪري،
ڪيڏي ڪاوڙ جي انتها ٿو ڪري.


توکي پنهنجي جو قدر ئي ڪونهي،
تون رڳو غير سان وفا ٿو ڪري.

ايڏو بيزار مون منجهان آهين،
موت جي مونکي بس دعا ٿو ڪري.

تو وٽين ڪم جفا شعاري ڪان،
هي ڪهڙو فرض تون ادا ٿو ڪري.

درد مندن جي دل تون آزارين،
تون ئي چئو اي زمانا چاتو ڪرين.

جنهن کي تنهنجو ضرور ئي ڪونهي،
ان جي "اصغر" رڳو پچا ٿو ڪري.




عشق ۾ جئين جئين اونها ٿا لهون.
دنيا وارن کان پري پيا ٿا ٿهون.

ڏار ٿيندي توکان ائين محسوس ٿيو،
تو سوا هرگز نٿا جڳ ۾ ٿهون.

عشق کائيندو وڃي اڏوهي جيان،
اوچتو ٿا چاڻ اي دلبر ڍهون.

ظاهري جيڪر ٿيون پيا ٿا فنا،
برهه ۾ بڻجي بقا پيا ٿا رهون.

شاعري ۾ پاڻ پلٽيون ٿا پيا،
وهڪرن جان پاڻ اصغر ٿا وهون.



هي عشق کني عنايت، اُلڪا ملي ويا.
هي سور پور سوچون صدما ملي ويا.


عاشق جو ڪم رڳو آ تڙپڻ، لڇڻ، پچڻ،
دک درد دل ۾، سر ۾ سودا ملي ويا.

توکي ملي نزاڪت ۽ سونهن سوپيا،
ڏس مونکي ڦٽ جگر تي ڪيڏا ملي ويا.

توکي ڪلڻ ٽڙڻ لئہ ناهيو خدا مگر،
مونکي تہ روح راڙا، سڏڪا ملي ويا.

توکي تہ راس آئي، هن شهر جي هوا،
مون مست کي رڻن جا رستا ملي ويا.

مون دوستن کان چاهيو دنيا ۾ پيار بس!
پر تن وٽان اي "اصغر" دوکا ملي ويا.



راتِ جو هي غم وڌيندو ٿو وڃي،
ڏينهن جو ڏک چڙ ڏنيندو ٿو وڃي.

تون جڏهن کان ٿي ويو آهين خفا،
چا الائي مونکي ٿيندو ٿو وڃي.

تون اڃا ڪهڙي سزا ڏيندين خدا،
ڏند جيون سڀ پريندو ٿو وڃي.

دوستن کي زهر ٿي آهيان لڳو،
۽ زمانو بس چڏيندو ٿو وڃي.

سوچ جو هي سلسلو ڪٿجي نٿو،
عشق بس آزار ٿيندو ٿو وڃي.

تون تہ ڏاڙيل آن دلين جو اي منا،
لوڪ سارو ايئن مڃيندو ٿو وڃي.


شهر ۾ آيو، نہ ملئين تون مگر،
هاڻي "اصغر" هت ملندو ٿو وڃي.

گیت

ڪنوڻ ڪجي ٿي، بوند پوي ٿي،
هير لڳي ٿي، خوشبوءِ اچي ٿي،

مُند مهڪي ٿي، شايد ايندين.

— اصغر سيتائي



تو بن دنيا ۾ او مٺڙا!
منهنجو آهي پيار ٻٽيو.
ڇوري ٻار جيان.

جيئن وڃي ٿو ڏينهن گذرندو،
هانءُ وڃي ٿو منهنجو ٻڏندو.
ڀاٽي ٿي پاڻ تي ٻٽيو آهيان،
ڇڻ ڪنهن ٻار جيان.

رهجي ويا ارمان هزارين.
سورن جا سامان، هزارين.
دل تي ويئي داٽا داٽا ،
ڇنل هار جيان.

ساوڻ گذريا ، ويون ملهارون.
موٽي آيون ڪونه بهارون.
سڪٽو جيون، ڇڻ ڪنهن وڻ جي،
سڪل ٽار جيان

ٻي ڇئي دل کي ڪيئن ڪيان مان.
تون ئي ڇئو هت ڪيئن جيان مان.
رهجي ويو تون آهين مٺڙا ،
من ۾ سار جيان.






مان تنهنجي نالي منڙا، منهنجا سهڻا او سانولڙا!
روئي خط لکايان، ميان تنهنجو روز پڇايان.

ڪانگ ڪبوتر قاصد ڪيئي ماڻهو ئي ته مڪا مون،
نياپا سڀئي ها تن جي هٿان هٿا توڏي هي ته مڪا مون،
پر نه اڃان تون آئين، دل جو ڪنهن کي حال ٻڌايان.

چاهه ۽ چاهت توسان آهي، منهنجو عشق برابر،
منهنجو آهي عشق ته اهڙو جهڙو مشڪ برابر،
جي تون چوين هن عشق جي مشڪ کي ملڪن منجهه ڇٽايان.

منهنجا گيت غزل پي تولئي، تولئه بيت ۽ وايون،
"سيتائي اصغر" تولئه دل ۾ جوڙيون آهن جايون،
توکي ساهه ۾ سانڍي ٿو مان اکڙين منجهه لڪايان.






اک ڦـــڙکي ٿي، شـــايد ايندين.
دل ڏڙکـــــي ٿي، شـــايد ايندين.

اک جـي ڦـــڙکـــڻ جي ڦـــڙ ڦـــڙ يي،
دل جـــي ڏڙکـــڻ جـــي ڏڙ ڏڙ يـــي،
ائين لڳي ٿي، شايد ايندين.

کنوڻ کـــجي ٿـــي، بـــونـــد پـــوي ٿـــي،
هيـــر لَـــڳـــي، خـــوشـــبـــوءِ اچي ٿي،
مند مهکي ٿي، شايد ايندين.

ســـاڄي هٿ مـــان گـــرهـ ڪري ٿـــو،
کـــاٻي هٿ تي ســـرڻو ســـري ٿـــو،
هڏڪي اچي ٿي، شايد ايندين.

منـــهنجي اڱڻ تي ڪانگ لنوي ٿـــو،
ســـاري "اصـــغـــر" ســـاهـ وجي ٿـــو،
تانگهـ وڌي ٿي، شايد ايندين.




آ سرنهن ۾ ٿي ڦولهار پرين!
وري واڳ وطن تي وار پرين!

جهليا منهن تازا موڙ وري،
پيا چيٽ گهمن کيئي جوڙ وري،
ڏينهن توکي ڏني تيا کوڙي وري،
دل تولئہ آ بيقرار پرين!

آ ڌرتي سائو ويس ڍکيو،
گل گل سان پيو آ يار ٻکيو،
سج شرم کان آ ڪڪرن ۾ لڪيو،
ڏسي سنڌڙي جو سينگار پرين!

آ ميل ملاپ جي مند آئي،
اڄ محب ٿي ماري تنهائي،
ساري توکي "اصغر سيتائي"،
اڄ ان جي لهي وڃ سار پرين!





آئين نہ اڄ بہ دلربا ٿيندي وڃي پئي شام،
توکان سواءِ منهنجي ٿي وئي آ ننڊ حرام،
آئين نہ اڄ بہ دلربا!!
آئين نہ وو پرين!

تنهنجي اچڻ جو ڪوئي ڏسجي نہ ٿو نشان،
دل ۾ اهو ٿو مونکي وڌندو وڃي گمان،
اڄ رات تنهنجو ڪاٿي ٿيندو الائي قيام،
آئين نہ اڄ بہ دلربا!!
آئين نہ وو پرين!

اچڻو نہ هو جي توکي مونکي ڪرين ها ڄاڻ،
تنهنجي حضور ۾ تہ مان پهچي وڃان ها پاڻ،
پر تو وٽان تہ اهڙو آيو نہ ڪو پيام،
آئين نہ اڄ بہ دلربا!!
آئين نہ وو پرين!

غيرن جي تون چوڻ تي سمجهين ٿو مونکي غير،
سمجهي تون غير، پنهنجا پويان ڪرين ٿو پير،
تنهنجو غلام "اصغر" تنهنجو آهي غلام،
آئين نہ اڄ بہ دلربا!!
آئين نہ وو پرين!






آءُ اچي مـــــل، مـــونـکـــي آهـــي،
تـــــن ۾ تـــنـهـــنجي تـــات پـــيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
تـــوبـن جـهـڙا ڏيـــنـهـن ڏکـــن جـــا ،
تـــــهـڙي آهـــــر رات پـــيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
تـــولـئـــ دوري ڳـــالهـــ نـــ كـــائـي،
مـــون لـــئـــ دوري كـــات پـــيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
تو جـا هـيـكـر مـون سـان كئي هئي،
كـــر ســا ٻـيـهـر بـــات پيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
وائـــي ٻـــي كـــا وات نـــ آهـــي،
وائـــي تـــنـهـــنـجـــي وات پيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
وينـــي وينـــي تيـــڙو ويـــڙا ،
آخـــر تـــي پـــريـــات پيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.
اصـــغـــر ســـان آ نـهـــكـــر چـــاجي،
هـيـكـر كـر تـون هـا تـــ پـــيـــارا!
تن ۾ تنهنجي تات.

وایوه

آئون راڻو وقت جو،
تون بہ تہ ڪا مومل،

اڄ تہ جوين ماڻيون.

—— اصغر سيتائي



وڏي وٽ پيار،

پَر نہ چاتو تو پرين!

هُو جو آهي عيش ۾،

سوئي منجھہ آزار.

پَر نہ چاتو تو پرين!

ڪو هِتي نادار آ،

ڪو هِتي زردار.

پَر نہ چاتو تو پرين!

مهڪي تو ڪو گل جيان،

ڪو هِتي آخار.

پَر نہ چاتو تو پرين!

قرب بنا اي ڍولِيا،


ڪُوڙو هي سنسار.


پَر نہ چاتو تو پرين!

تو سان "اصغر" عشق ۾،

ڪيڙا قول قرار.

پَر نہ چاتو تو پرين!






مانجهاندي جو ماڳ،
هي جو هٽ ڏسين پيو.

جاڳڻ سان جهان آ،
جاڳ اٿي تون جاڳ.
هي جو هٽ ڏسين پيو.

ننڊ نهوڙيا ڪيترا،
آهي ننڊ نياڳ.
هي جو هٽ ڏسين پيو.

پيرو آ، يا پيروي،
راڳي جو هي راڳ.
هي جو هٽ ڏسين پيو.

"اصغر" آئون ننڊ ۾،
جاڳي تو ويراڳ.
هي جو هٽ ڏسين پيو.




تـــــون نـــــہ آئيـــــن رات،
رات ڍلي وئي ڍوليا!


هـــاءِ! هـــي جـــو پـــنڙو،
هـــــاءِ! هـــي حـــيـــات،
رات ڍلي وئي ڍوليا!

وينـــدي وينـــدي ڏئـــي وئـيـــن،
ســـورن جـــي ســـوغـــات،
رات ڍلي وئي ڍوليا!

ڏکـــيـــو کـــيـــڏو ڏانءُ هـــو،
ڏنـــــي ڏنـــا هـــــي ڏات،
رات ڍلي وئي ڍوليا!

آهـــي "اصـــغـــر" کـــي اِهـــا،
هـــــورا ڳـــــورا تـــــات،
رات ڍلي وئي ڍوليا!






تــــون ۽ مــــان ســـاٿـــــي،
ٻہ تہ ٻارنھن آھيون!

جڳ مــخــالف جــي ٻٽــيــو،
پـــــوءِ پيــــو ڇــــا ٿـــــي،
ٻہ تہ ٻارنھن آھيون!

ڏس! مــون تــنـھـنجي ڪــاڻ وو،
دل نــــــــــــ آ لاٿـــــــــــي،
ٻہ تہ ٻارنھن آھيون!

ڏ ســـٿــــو آھـــي ڏيـھــــ ۾،
ڪــــنـھــــن نــــاھـــي ڏاٿـــــي،
ٻہ تہ ٻارنھن آھيون!

آءُ "اصــغـــر" ڳــولـــيـــون،
ڪـــــاٿـــــي دل ڦـــــاٿـــــي،
ٻہ تہ ٻارنھن آھيون!



ڪوڏين ڪان سستو،
پيار وڪامي ٿو هتي.


پيار جو پيو نالو،
دوڪوئي دوڪو.
پيار وڪامي ٿو هِتي.

هيرو چا شيشو،
شيشو چا هيرو.
پيار وڪامي ٿو هِتي.

عيسو چا موسو،
وڏي وَٽُ پيسو.
پيار وڪامي ٿو هِتي.

جيئرو مُردو ٿو ٿئي،
مُردو هِت جيئرو.
پيار وڪامي ٿو هِتي.

”اصغر“ هڙي حال ۾،
جلي ٿو جيرو.
پيار وڪامي ٿو هِتي.



مون کان ڪين پُڇو،
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.

اڄ ڪلهه آ، آفيس ۾،
ڏنو پٽ چيتي جو.
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.

دهل وچي دوسو مڙي،
پڪو پهاڪو.
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.


رڳو ڳل فقير سان،
هُن کي آتانبو.
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.

ڏاڍو چغلخور آ
ڪپتيو ڪارانو
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.

شاشو خان بٺيو وتي،
رئيس جو چمچو.
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.

وڏيري جون مستيون،
هن هُن کان به پڌو.
ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون.





منهنجي تن من کي،
منهنجي نيڻن کي،
او سيئڙو تنهنجو پرين!


کھڙا رستا، کھڙيون راهون،
راهن رستن کي،
او سيئڙو تنهنجو پرين!


توکي آهي سک ته پوءِ،
تنهنجي ساجن کي،
او سيئڙو تنهنجو پرين!

وڻ وڻ واکا تنهنجا،
ڳوٺن، ڳلين کي،
او سيئڙو تنهنجو پرين!

"اصغر" گيت غزل ته ڇا!
واين، بيتن کي،
او سيئڙو تنهنجو پرين!







سڪ ۾ سونهن سواءِ،
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.


توکي چئجي چا اچا،
ڪولي او دنيا!
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.

سُڌ نه توکي سڪ جي،
سونهن بہ ڪل نہ ڪا.
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.

چاڻين محض ستمگري،
تو ۾ نا هي وفا.
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.

تو ۾ چاهه نه آهه ڪو،
تو ۾ نينهن نہ آ.
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.

توکي "اصغر" تون ئي چئہ،
ڪيئن ڪري وهوا.
ٻُسي ٻُسي آنهه تون.



بـــرســاتـــي بــاتـــيـــون،

تنهنجي منهنجي پريت ۾!

وڏن تـــيـــون ويـــراڳ ۾،

قــربـــن جـــون كـــاتـــيـــون.

تنهنجي منهنجي پريت ۾!

كـــوڙ كـــڙكـــيـــون روح ۾،

جـــهـــاتـيـــون ئـــي جـــهـــاتـــيـــون.

تنهنجي منهنجي پريت ۾!

چـــا نـه هـــي سـيـنـا سـپـر،


چـــا نـــه هـــي چـــاتـــيـــون.


تنهنجي منهنجي پريت ۾!

ڏيـنـهـن آهـــن ڏيـنـهـن پـــر،

راتـــيـــون پـــي راتـــيـــون.

تنهنجي منهنجي پريت ۾!






ڳـولـيـون هـت مـنـزل،
اڄ تہ جوڀن ماٽيون!

آئـون راڻـو وقـت جـو،
تـون بـہ تـہ ڪـا مـومـل،
اڄ تہ جوڀن ماٽيون!

پيـار جـي پريـتـم! پـنـڌ ۾،
شـوق بـہ آ شـامـل.
اڄ تہ جوڀن ماٽيون!

ڪـڻـي آءُ ربـاب تـون،
مـچـايـون مـحـفـل.
اڄ تہ جوڀن ماٽيون!

تـو وٽ آهـي سـونـهـن ۽،
مـون وٽ آهـي دل،
اڄ تہ جوڀن ماٽيون!




تنهنجي منهنجي سِڪ،
کير ٿو سمجهي سگهي.


تون مان هڪ ٻئي جا،
ڳالهه ٻنهي جي هڪ.
کير ٿو سمجهي سگهي.

تنهنجي منهنجي تانگهه ۽،
تنهنجي منهنجي ڇڪ.
کير ٿو سمجهي سگهي.

جانان! پنهنجي پيار کي،
ظاهري يا لڪ.
کير ٿو سمجهي سگهي.

”اصغر“ پنهنجي عاشقي،
منڊي تي جيئن ٽڪ.
کير ٿو سمجهي سگهي.





تــــنـــهـــنـــجـــي آس تـــمـــام.
اکڙيون تنهنجي آسري!

جـــهـــڙو مـــون لاءِ صـــبـــح آ،
تـــهـــڙي مـــون لاءِ شـــام.
اکڙيون تنهنجي آسري!

تـــنـــهـــنـــجـــا وئـــرت واعـــدا،
تـــنـــهـــنـــجـــا ڇـــا انجـــام.
اکڙيون تنهنجي آسري!


ڪـــاش! ائين ســـوچـــيـــن نـــٿي،
بـــرهـــ نـــــ تـــئي بدنـــام.
اکڙيون تنهنجي آسري!

ڪـــوٺـــي "اصـــغـــر" ڪـــي بـــ ڏي،
ڪـــو تـــ امـــلهـــ انـــعـــام.
اکڙيون تنهنجي آسري!

چؤسثا

پنهنجي مقصد جي ئي تن ۾ تاس رک،
پنهنجي منزل تي پڄڻ جي پياس رک.
ذي سدا زنده دلي جو ئي ثبوت،
دل ۾ زنده پنهنجي هر هڪ آس رک.

—— اصغر سيتائي





پنهنجي مقصد جي ئي تن ۾ تاس رک،
پنهنجي منزل تي پهچڻ جي پياس رک.
ڏي سدا زنده دلي جو ئي ثبوت،
دل ۾ زنده پنهنجي هر هڪ آس رک.



موت ڪوئي مسئلو ناهي پرين!
موت کي مارڻ جو سک سهٽا هنر.
ڪارنامو اهڙو ڪر دنيا اندر،
ليڪجين دنيا ۾ زنده نامور.



جنهن ۾ ناهي درد جي ئي ڪيفيت،
سا ٻه دل، دل ڪهڙي چئبي اي مٺا!
جيڪا محفل ڪين بخشي تي سُرور،
سا ٻه محفل ڪهڙي چئبي اي مٺا!



قوم کي پاڻ ئي سهي دڳ لائيون،
چوته رهبر روز ٿا پٽڪي وڃن.
ووٽ سانگين جا وني ايوان ۾،
۽ ٿا ليڊر سستي اگهه وڪجي وڃن.





لتيرو جو هر وقت آهي لتيندو،
ڪڏهن ويندو لتجي لتيرو به آهي.
سدائين نه رهڻي آهي رات ڪاري،
ڪڏهن ڪو ته ايندو سويرو به آهي.!



سا پلا ڪهڙي آ ڪم جي زندگي،
جنهن ۾ ناهي فڪر جي آزادگي.
جنهن جي آهن سوچ تي تالا لڳل،
سو به دنيا ۾ آ ڪهڙو آدمي.



زندگي آ پيار جي ئي ابتدا،
پيار جي پو ڪا به ناهي انتها.
زندگي جي آهه مدت مختصر،
پيار کي ليڪن بي انت آهي بقا.



جتي ذات ۽ ذانءُ گڏجي وڃن تا،
اتي شعر ازخود ئي لکجي وڃن تا.
لکن شعر جيڪي پنهنجي قوم لاءِ تا،
اُهي قومي شاعر ئي بڻجي وڃن تا.






ديس ڪان سِر ڪي مٿو ڪرڻو نہ آ،
ديس ۾ ديسين مٿان سِر گهوربو.
جي حياتي آهي اصغر ديس لاءِ،
ڏاڍ جو ڏونگر پيو هي ڏوربو.




هي ڏينهن آيا رات، خبر ڪا نہ ٿي پوي،
ڪيئن آهي ڪائنات، خبر ڪا نہ ٿي پوي.
ماٺهو بہ ساڳيا ۾ هي مسيحا بہ ساڳيو پر،
ماحول واهيات، خبر ڪا نہ ٿي پوي.





ڪري اعلان اهڙوئي وري نئين سر بڌايو ٿن.
ڪسي هڪڙي ڪان چڳ مڙسي، چڱو ڀئي ڪي بٺايو ٿن.
سياٹن جي چوڻ موجب ائين سمجهو تہ اي "اصغر"،
گڏهہ ساڳيو ئي آهي پر رڳو آٽر مٽايو ٿن.




ڇا ڇوان هن شهر ڪي،
هي شهر آيا ڪربلا.
جو هتي بي ڏوهہ "اصغر"،
ڪيترا ڪسجن پٽيا.









ڪلفتن جا ڪو وجهي ٿو چار هت.
الفتن جا ڪو وجهي ٿو چار هت.
بحر دنيا ماٿهو "اصغر" مير بحر!،
حرڪتن جا ڪو وجهي ٿو چار هت.




ٽڪا نيڻ جن لئه نهاري نهاري.
سڄڻ سي ته ويٺا وساري وساري.
هيا سور جيڪي سياري ۾ "اصغر"،
اهي سور ساڳيا اونهاري اونهاري.



رئڻ سان به هيڪر رهن ئي نه ٿا.
سڄڻ پنهنجي ضد تان لهن ئي نٿا.
ڳڙي جيڪي آهن پيا ڳل تي ڳوڙها،
اُهي لڙڪ هاڻي سڪن ئي نه ٿا.



ٿي ڏيکاري ڪو بلاول سنڌ ۾.
پاڻ گهاٽي ۾ ڪو پيڙائي ڏسي.
۽ عنايت جان ڏئي سرڙو سڄڻ!
سنڌ سان هيئن پيچ ڪو پائي ڏسي.





ڪلين سان، گلن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
پتين سان، پنن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
رڱو گل، پتين سان نہ آهيان رهيو پر،
ڪنڊن ئي ڪنڊن سان ٻه گهاري ڏنو تم.



نندين سان، وڏن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
چڱن سان، مَٺن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
ڪٺن سان، نہ ڪارن سان آهيان رهيو پر،
مٺن سان، ڪڙن سان ٻه گهاري ڏنو تم.




سڄن سان، انڌن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
ٻوڙن سان، گونگن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
نہ سياڻن ڪان سياڻن سان آهيان رهيو پر،
چرين ڪان چرين سان ٻه گهاري ڏنو تم.



سُٺن سان، ڪنن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
هنن سان، هُنن سان ٻه گهاري ڏنو تم.
نہ ماٺن سان ماٺو تي آهيان رهيو پر،
جنن سان، ڀوتن سان ٻه گهاري ڏنو تم.





زور کنهن جي تي الائي تو لڙين.
پاڻ کي سمجهين تو سرڪاري غندو.
واهه جو رکوال آهين قوم جو،
قوم تي بيٺو ڪنيون آهين ڏندو.




آ اخلاق بس ماڻهپي جي نشاني.
مگر هي الائي ڇو ڇڙواڳ آهي.
ڏسڻ ۾ ڪلچٽو، ڪميٽو ڪچر آ،
نڪو مُنهن، مٿو تس، نڪو ماڳ آهي.




دنيا ڇڏي وڃي ته سڄي ير! ڇڏي وڃي.
دربان جي مجال آ، جو در ڇڏي وڃي.
دنيا ڪي آهي، دنيا جي يارو طلب رڳو،
درشن جو طالبو ڪيئن دلبر ڇڏي وڃي.



خط سڄڻ تنهنجو مليم تنهنجو قسم روئي ڏنم.
حال ۽ احوال هي تنهنجو پڙهيم روئي ڏنم.
پنهنجي دشمن جو لکيل هو نانءُ تنهنجي نانءُ سان،
نانءُ جو بئي نانءُ سان "اصغر" ڏنم، روئي ڏنم.








نون رنو مونکان پرين اچ تو وجين ڪاڏي وجان.
منٿ منهنجي ڪانہ تو هڪڙي مجين ڪاڏي وجان.
هو سهارو تنهنجو ئي بس تنهنجي "اصغر" کي مگر،
تون بہ تو جيڪر وري پيرو پجين ڪاڏي وجان.



تو سڄڻ مونکان رسين ڏس! هي تہ آ بي واجبي.
گڏجي غيرن سان گهمين، ڏس! هي تہ آ بي واجبي.
پل رسي وڃ پر نہ غيرن سان گهمڻ توکي نهي،
تون نہ "اصغر" سان نهين، ڏس! هي تہ آ بي واجبي.



ڪجهہ نہ چوندس يار توکي منهن مٺي وڃجان پلي.
جڏ مران تون لوڙهہ منهنجو پو لٽي وڃجان پلي.
اُت پرين هڪ مان ۽ منهنجا پيا جاڻن منڪر نڪير،
قرب مون "اصغر" کان تون پنهنجو ڪٽي وڃجان پلي.



هر سور تنهنجو سهٽا، سَهٽو اٿم، پيو سهبو.
ڇڏبو نہ شهر تنهنجو، تنهنجي شهر ۾ ئي رهبو.
توسان جيئڻ، مرڻ آ، پلجي نہ ناتو ڇنبو،
ڪاوڙ جي باوجود بہ نهٽو اٿم پيو نهبو.







منهنجو پيار ڀرين ۾ آخري بہ تون آن.
محبوب هڪ لکل تون ۾ ظاهري بہ تون آن.
تنهنجي ئي شوق، عشق جو، مون ۾ شعور آهي،
منهنجو آهين شعور تون ۾ شاعري بہ تون آن.



محبوب تون ملين تہ هي دنيا ملي پوي.
دنيا رڳو تہ ڇا مگر، عقبيٰ ملي پوي.
دنيا تہ آهي واهہ پر عقبيٰ تہ واهہ واهہ،
پر ڇا اڇا بہ مان چوان، ڇا ڇا ملي پوي.



مونکي تہ پيار عيوض، تنهنجو پيار گهرجي.
هڪ بار ڪين ليڪن تو بار بار گهرجي.
هڪ تو سواءِ جڳ ۾ ٻيو يار ڪو نہ آهي،
ٻيو يار ڪو نہ گهرجي، ٻيو يار ڪو نہ گهرجي.



جي ڪچون ڪٺجي زبان ڪوڙا لڳن.
جي لچون، ڏوڏيون ڏنين عضوا وڍن.
سِر هي "سيتائي" نہ ٿيندا رائگان،
سر جي عيوض ٿيندو هي آجو وطن.







سهڻيون اکيون سچڻ جون شيشي شراب وانگي.
لبڙا گلابي آهن ڳلڙا گلاب وانگي.
آهن پرون به جاڙا، اصغر عجيب ڏس تون،
جهارا ڏئي جهڻن ٿا دلڙي عقاب وانگي.




اسانکي دعائون ڪرڻ وارا سائين،
اسانجون به آهن دعائون اوهانکي،
رهو شاد آباد ها! قيام تائين،
لڳن ڪين ڪوسيون هوائون اوهان کي.




اڄ دل چيو تہ مان بہ ڪجھہ استاد تي لکان.
هن جي عظيم سات ۽ اتحاد تي لکان.
همت ۽ عزم، حوصلو هن جي ڏسي چيم،
والله! چڻ تو وقت جي فرهاد تي لکان.



ڏيو ٿا سڄڻ سور، ڪاڏي وڃون.
اچي ٿا پون پور، ڪاڏي وڃون.
جدا ٿا رهي ڪين ساعت سگهون،
چئو ٿا رهو دور، ڪاڏي وڃون.







پور اڄ تنهنجو پيم ، روئي ڏنم تنهنجو قسم.
ياد جو توکي ڪيم ، روئي ڏنم ، تنهنجو قسم.
هي ڏسي حالت چيو سيني تہ ”اصغر“ ڇا ٿيو،
”ڪو سبب ڪونهي“ چيم ، روئي ڏنم ، تنهنجو قسم.



پيار ڪان باز هيءَ دل اڃي ئي نٿي.
پوئتي هڪ قدم دل هٽي ئي نٿي.
ڏاڍي ڪوشش آ ”اصغر“ ڪئي مون مگر،
آهي گونگي ۽ ٻوڙي ٻڌي ئي نٿي.



پيار ڪان پير پوئتي ڪري ئي نٿي.
هي ڏڪن، ڏاڪڙن ڪان ڏري ئي نٿي.
جاءِ اوکيءَ تي ”اصغر“ اڙي دل وڃي،
وس ورائڻ جا مون ڪيا ، وري ئي نٿي.





ڪا منهنجي عشق ۾ تي هار ڪانهي.
وٺي تو ۾ ۽ مون ۾ وار ڪانهي.
ڏني تو آ خوشي اهڙي پرين جو،
خوشي ٻيءَ جي رهي درڪار ڪانهي.

ټيــټو

سنڌ سچي سهڻي،
جهڙي جنت هوبهو،
پياري من موهڻي.

— اصغر سيتائي





جنهن کي آهي زر،
زور وارو جڳ ۾،
آهي سوئي يَر.



سچو ڏينهن مرجي،
پگهر وهائجي، پر هي دوزخ،
پوءِ به نٿو پرجي.



ڪيئن رهي خوشحال،
پورهيت ڪي پرمار تو،
ڪري هٿ پامال.




لفظن جو ماهر،
سگهه ڏئي تو سچ جي،
ديس جو هي شاعر.




هڪ سونهن پيو همي سچ،
ايمان آهي ڪوي جو،
من ۾ محبت مچ.




ڏرتيءَ جٽيا ياءُ!
نيٺ ته لهندا سور هي،
نيٺ ته چٽندا گهاءُ.






ڪھڙو ھي سماج،
ڪھڙيون ريتون رسمون،
ڪھڙو ھي رواج.



ڪنھن جي سر تي تاج،
ڪو تہ آھي ڪنھن اڳيان،
ماڻھو ھت محتاج.




ڪيڏو ڏنُ اناج،
ڪنھن جي گھر ۾ ناھ ڪو،
نياڻي خاطر ڏاج.




اُن جو ڪو علاج،
ڪيئن ڇٽي سا جندڙي،
جا وڪوڙي وياج.




ڏاڍ ڪري پوتار،
ٻئي پاسي ھن پوڻ تي،
ڌارئي جي والار.



ڪوڙھيو ھيءَ سماج
ھڪڙو ويري پنھنجو،
ٻيو ڌاريو سامراج.





ساڙيو نٽهڻ ساھ،
نازڪ ناري اُس ۾،
ڳاهي بيٺي ڳاهه.



پٽائي جا بيت،
پاسن ٽا سي پونءِ جا،
آهن سهٽا ڪيت.



پٽائي جون وايون،
چڻ ٽريليون تر جون،
گج اوڍي آيون.




ڪانئر ۽ ڪم چور،
پوتار هن پونءَ ٽي،
ڪيٽ پيليندڙ ڊور.



خدن ۽ خيرو،
”ويڙهائي ٽو پاڻ ۾،
وينو وڏيرو.



ڪارو ۽ ڪاري،
کهاڙين جو بک ٽي،
نرمل ڪا ناري.





هيل بہ هاجيڪار،
هاجو ڪري هاري سان،
ٻهاري ويو پار.



ظالم زميندار،
قرضي ڪڙمي ڪي ڪري،
لاهي دل جو بار.



وڏيري جو پار،
بيٺو آ شوروم ۾،
خريدي تو ڪار.




هو ڏس هاريءَ جو پار،
ڪُڏيءَ ڪٽڻ لاءِ،
ڪائي تو پيو مار.




سنڌ جي هي پولي،
لولي پنهنجن لاءِ،
غيرن لاءِ گولي.




سنڌ سچي سهڻي،
جهڙي جنت هوبهو،
پياري من موهڻي.






سنڌ آ منهنجي ماءُ،
سنڌ جو ٻچو ٻچو،
منهنجو آهي ڀاءُ.




سنڌ جا سڀ ويري،
موت کان ماري اگهي،
ڪرڻا هن ڍيري.




سنڌ جا سورهيه ڀاءُ،
توکي ڇاتيءَ لائيان،
منهنجي ويجهو آءُ.




سنڌ سان آ ناتو،
هٽبو هرگز ڪونه،
مرڻ تائين ماسو.



سنڌ جو سارو حق،
ورائڻو آ ان کان،
جنهن ڪيو ناحق.



صبح جو ساجهر،
ڏالو هاريءَ هٿ ۾،
ڪلهي تي چادر.





نندي نيتي نار،
کنيو واسو هٿ ۾،
وارائي ٿي ٻار.



جاڳ اتي تون جاڳ،
ننڊ نهوڙيا کيترا،
جاڳ ۾ آهي ڀاڳ.



جاڳ اتي تون جاڳ،
ننڊ نهوڙيا کيترا،
جاڳ تنهنجي ماڳ.



سرنهن ٻانيو،
لٽي سهاڳڻ سونهن سان،
ٻڌي ات کانبو.



هي ڪَتي هي چيت،
هاءِ ڪو هيڪر ڪري،
منهنجي پونءِ جي پيت.



ٿيا مينگهه ملهار،
اوءِ ور منهنجا سپرين،
تنهنجي آئي سار.



اصغر سيتائي

محترم اصغر سيتائي هن دور جي نئين ٽهي سان لاڳاپيل سُڄاڻ ۽ سجاڳ شاعر آهي. هو نئين ٽهي جي انهن شاعرن جي قطار ۾ بيٺل نظر ٿو اچي، جيڪي نون نڪور خيالن سان گڏ شاعري جي فن ۽ هنر تي به گهڻو ڌيان ڏين ٿا. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي شعرن ۾ پنهنجي جذبن ۽ احساسن کي نيائيندي عروضي بندشن کي پڻ نظر ۾ رکيو آهي. هُن پنهنجي غزلن ۾ جتي اندر جون ڪيفيتون دل کولي بيان ڪيون آهن، اتي هُن بيمار معاشري جي ناسورن جي ڳالهه به سچائي کي سامهون رکي بيان ڪئي آهي.


غزلن کان سواءِ هن جا گيت، وايون ۽ چوسٽا به دل ۽ دماغ کي متاثر ڪندڙ آهن، جن ۾ پڻ زندگي ۽ معاشري جا مختلف عڪس نظر اچن ٿا. سندس سوچ سگهاري آهي. هن جون هي سٽون هن جي عزم ۽ حوصلي جي عڪاسي ڪن ٿيون:

لکبو ۽ پيو پڙهبو سدا ديس لئه اي اصغر،
تيون بند زبانون نه قلم بند ٿيا ناهن.

ڪنهن شاعر/ ليکڪ جي محنت به تڏهن ساب ٿيندي آهي، جڏهن هر پڙهندڙ اهو محسوس ڪري ته اها منهنجي دل جي وارڌات آهي ۽ منهنجي اندر جو ئي آواز آهي. ان حوالي سان اصغر صاحب جو هي پيار پريو پورهيو مونکي نهايت سٺو لڳو.

مون کي يقين آهي ته هن جو هي مجموعو "اڪڙيون اوسيڙا" پڙهندڙن وٽ مقبوليت ماڻيندو.

—— بينظير عادل سخيرائي



0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani